ميران بائِي

أشا. ايس. نلسن



پارتيبہ
ساهتيہ جا
نرماتا

ميران بائي (۱۵۴۷-۱۴۹۸) راجستان جي مشهور پگتي رس گائڪا هئي جنهن جي جيون ڪرشن پگتيءَ جو هڪ اِتهاس بڻجي ويئي آهي. هن جون گيت رچنائون گهر گهر جو اَملهه خزانو آهن ۽ پارت جي ڪيترن مهان سنگيتڪارن اهي ور ور پئي گائيون آهن ۽ اَڄا تائين گائيندا رهن ٿا. انهن گيتن جي پاشا سليس ۽ سڌي آهي ۽ برج پاشا ۽ ماروڙي بوليءَ جو سنگم آهي. انهن گيتن جي مڌر ترنگ ۽ جذبي جي صداقت صدين کان لکين ٻڌندڙن جو من موهيو آهي. ميران بائيءَ جو شمار سورداس ۽ ودياپتيءَ جهڙن وچين دؤر جي سنت ڪوين ۽ روحاني رچناڪارن ۾ ٿئي ٿو. هوءَ جيتوڻيڪ اوچ ڪُل ۾ پيدا ٿي هئي ۽ ان ۾ هوءَ خوشيءَ سان پنهنجو راج پاٽ تياڳي جوگين ۽ سنياسين جو سنگ ڪري ساڌن رڻ ڪندي رهي ۽ دوارڪا جي تيرٿ ٿي ويئي. وچين دؤر جي گجراتي ساهتيه ۾ پڻ هوءَ اوڏو ئي اُچو درجو والاري ٿي ۽ هن کي عزت جي لڳاهه سان ڏسو وڃي ٿو. هن ڪڪي ۽ هن جي جيون ۽ رچنائن کي هن جي پنجاهه چونڊ ڪوتائن جي اَنواد سميت پيش ڪيو ويو آهي. اَنوادڪ طرفان ڪوتائن جي ترجمي ۾ انهن جو اَصلوڪو لطف ۽ رس قائم رکڻ جي پوري ڪوشش ورتي ويئي آهي. پڇاڙيءَ ۾ حوالي طور آندل ڪتابن جي يادداشت ڏني ويئي آهي.

(باقي پنڌين جلد جي آندرئين پاسي)

ميران ٻائي

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

پارتیبیم ساهتیم جا نرماتا

میران بائي

لیککا :

آشا. ایس. نلسن

ترجمان :

اچمٹ پاتیا 'کومل'



ساهتیم اکادیمي

نئي دهلي

MIRA - BAI — Sindhi translation by Laxman Bhatia' Komal' of Usha S. Nilsson's monograph of the same name. Sahitya Akademi, New Delhi (1978). **Price: Rs. 2-50**

© **Usha S. Nilsson**
First edition: 1978

Publisher:
Sahitya Akademi
Rabindra Bhavan,
35, Ferozeshah Road,
New Delhi 110001

Printer:
Shri Lachhman Sathi,
Sindhu Art Printers,
12–C, Rusi Mehta Industrial Estate,
Jairajbhai Lane,
R. S. Nimbkar Marg,
BOMBAY 400 008

فهرست

ميران ٻائي جي جيوني	...	...	١١
ميران ٻائي متعلق ڪتابون	...	...	١٩
ميران ٻائي ۽ پڪتي	...	...	٢٧
ميران ٻائي جا گيت	...	...	٣٨
شاعراڻي صنف	...	...	٤٩
ميران ٻائي جي ڪوٽائن جي پاڻا	...	...	٥١
ترجمي بابت ٻه اکر	...	...	٥٣
ترجمو	...	...	٥٦
چونڊ ڪتابن جي ياداشت	...	...	٧٦

تعارف

اُڙ پارت جي مشهور پڳت گائڪا ميران بائيءَ جو جنم جنهن دؤر ۾ ٿيو هٿو، ان کي هندي شاعريءَ جو سونهري دؤر سڏي سگهجي ٿو. نام ڪنيا سنت ڪوي جهڙوڪ ڪبير، سورداس، ملڪ محمد جاسئي ۽ انهن سيني ۾ اڳرو تلسي داس سندس همعصر هٿا. هن جا رچيل گيت گذرڻ چٽن صدين کان پارت جي ڪنڊ ڪڙ ۾ گاتا ويا آهن.

جنهن دؤر ۾ ميران جو جنم ٿيو هٿو اُهو دؤر عظيم تواريخي ڪارنامن جي نتيجن کان متاثر ٿيل هٿو. محمود غزنويءَ طرفان يارهين صديءَ ۾ شروع ٿيل مسلمانن جي حملي جي نتيجي طور پارت جي اُڙ واري حصي ۾ مسلمانن جي هڪ پڪي پختي حڪومت قائم ٿي چڪي هٿي جيتوڻيڪ ان حڪومت جي پيڙهه قائم ٿيڻ ۾ ڪيترين ئي صدين لڳي ويون ۽ هڪ پئي مٿان سندن ڪيترين ئي سلطنتون ٺهنديون ۽ ڀڃنديون رهيون. مسلمان حڪمرانن نيٺ هندو راجائن کي شڪست ڏئي ۽ پنهنجي طاقت قائم ڪرڻ لاءِ کين لڳاتار جنگيون جوٽڻيون پيون. راجستان جو علائقو، جو گهڻو ڪري هندو راجپوت راجائن جي هٿ هيٺ هٿو سڏيءَ طرح انهن جنگين جي چپيٽ ۾ اچي ويو. پئي طرف گهرو چڪتاءَ ۽ طاقت هٽ ڪرڻ لاءِ راجپوت راجائن جي هڪ پئي خلاف چڙهت ۽ سازش پڻ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

ميران بائي ان اُٿل پٿل واري دؤر جي اُڙ کان پاڻ بچائي

نہ سگھي ۽ ٻين کيترن والگر هن ٻڌ ڏرمي ڳالهين ڏانهن لاڙو رکي من جي شانتي حاصل ڪئي.

جتي آڏو پارٿ جي هندن پنهنجي شاندار ورڻي کي ملياميٽ ٿيندو ڏٺو، پنهنجن راجائن کي شڪست مٽان شڪست کائيندو ۽ قتل ٿيندو ڏٺو، پنهنجن مندرن کي، جي ڪلا ۽ ڪاريگريءَ جا نادر نمونا هئا، ليست و نابود ٿيندو ڏٺو ۽ پنهنجي مٽان هڪ ڏاريءَ ثقافت کي مڙهيندو ڏٺو آتي ڏکڻ پارٿ مسلماني ثقافت جي پاڇي کان نسبتا پري ٿي رهيو - اڪري آڪان هڪ نئين ڏرمي لهر جو ڦهلاءُ آتر پارٿ ڏانهن ٿيڻ لڳو.

صدين کان مسلماني جبر هيٺ مايوس ۽ بي همٽ ٻڌي ويل هندو قوم، من جي شانتيءَ ۽ پورڻا لاءِ ڏرم ڏانهن لاڙو رکڻ لڳي.

هڪ عرصي کان شو ۽ وشنوءَ پڳوان جي پوجا جي الڳ، طريقن جو ڦهلاءُ ٿيندو رهيو هئو. وشنوءَ کي اهو پڳوان مڃيو ويو ٿي جنهن وقت هوقت انساني چولي ۾ ايشور جو اوتار ڌارڻ ٿي ڪيو. اهڙو هڪ اوتار رام کي مڃيو ويو آهي ۽ هڪ ٻيو سروپ جو وڏيڪ پيارو ۽ مڃيل آهي، اهو پڳوان ڪرشن جو آهي. وشنوءَ جي مڃيندڙن کي وشنوءَ ڪوي سڏيو ويندو هئو.

تيرهين صديءَ کان ولي پڳتيءَ جي هڪ زوردار ڌارا آتر پارٿ ۾ زور وٺڻ لڳي. ان ڌارا جو سڀ زور ان ڳالهه تي هئو ته ايشور لائين رسڻ جي راهه لهه لائڻ، پڳتيءَ ۽ پاٺ پوجا ذريعي ئي لهي سگهجي ٿي، بنسبت ڏاهپ ۽ چڱن ڪمن جي. ان ڌارا کي زور وٺائڻ جي ڏس ۾ مشهور ڏرمي گرنٿ پاڳوٽ پراڻ ڪافي مددگار ثابت ٿيو. ان گرنٿ ۾ وشنوءَ جي اوتار ڌارڻ ۽ خاص طور هن جي ڪرشن روپ

کي چڏو ڪيو ويو آهي. اِن ڏس ۾ رامائڻ جي سکيا ۽ عوام کي هڪ نئون سنديش ڏيو. ڏکڻ پارت جي هن مهان شخصيت وشنوءَ جي پوڄا جو ڪنڊ ڪڙڻ ۾ زوردار ڦهلاءُ ڪري وٺنڊو سمپرداءِ کي تمام گهڻو زور وڌايو.

پڳتي مارگ جي اَهڙيءَ جذباتي لهر کان متاثر ٿي، هر جائيءَ جا ماڻهو جوش ۽ جذبي وچان ان تحريڪ ۾ ٽپي پيا. جتي ستي ساڌو مهاتمائون خواهه گهر گرهستي، ڪمي ڪاسبي خواهه راجائي ڪل وارا ان تحريڪ جي اَڳواڻ هيٺ اچڻ لڳا. اُن ۾ رامانند ۽ ولپ آچاريه ان تحريڪ جا خاص پرچارڪ ٻڌيا. رامانند ذات پات ۽ جنس جي ڀيد ڀاؤ بنا هرڪنهن کي پنهنجيءَ سکيا جي روشني ڏيندو رهيو. هن جي اَڻ ڳڻين ششن مان ڪبير سڀني کان وڌيڪ نامور شش هئو جنهن ايشور جي نرگڻ روپ کي ٿي سڀ کان وڌيڪ سويڪار ڪيو. ولپ آچاريه، جو ڪرشن جو پوڄاري هئو، پشٽيءَ يعني ٻوٻو ڪرپا ۾ وشواس رکندڙ هئو. هن جي پٽ وٺل ڀٽ اِها روايت قائم رکي ۽ هن جي ششن مان اشٽ ڇاپ نالي اُڻن کوين جي منڊليءَ پڳتي تحريڪ جي ڦهلاءَ کي گهڻو زور وڌايو. سورداس ان منڊليءَ جو سڀني کان مشهور ڪوي ۽ پڳت هئو.

پڳتي تحريڪ جي سڀ کان وڏي حاصلات اِها هئي جو ان تحريڪ هيٺ علاقائي ٻولين جي شاعريءَ تمام گهڻو زور ورتو. پارٿي شاعريءَ جو ڏرمي روايت سان همميشه تمام گهرو سنبنڌ ٻڌي رهيو آهي. مٿي ذڪر هيٺ آيل ڪيترائي پڳت ۽ سنت ساهتيڪ درشٽيءَ کان ڀڻ هڪ خاص رتبو حاصل ڪيل هئا ۽ هنن پنهنجي لکڻ ۽ گائڻ جي تخليقي عمل کي پنهنجي پياري اشت ديو جي شيوا ۾ ٿي اَرپڻ ڪيو هئو. ڏکڻ پارت ۾ الوارا نالي تامل کوين پڳتي رس جي

خوبصورت شاعريءَ کي جنم ڏنو. مهاراشٽرا ۾ گيانيشور ۽ نامديو، بنگال ۾ چنڊي داس ۽ گجرات ۾ نرسي مهتا جهڙن سنت کوڻ پڳتي رس جي شاعريءَ کي بلندين تي پهچائي ڇڏيو. هندي‌ءَ وارو علائقو پڻ ان جي اَثر کان آجو نه رهي سگهيو. ڪبير دوها ۽ شبد رچي پنهنجو پيغام عوام تائين پهچايو. تلسي داس سنسڪرت کان پنهنجا پلاند آجا ڪرائي، عوامي بوليءَ ۾ پنهنجين رچنائن ذريعي ڀگوان رام جي مهما جا گيت رچيا. نيتوهيڻ ڪويءَ سورداس ڪرشن جي جيون ۽ ليلائن بابت نهايت سندر گيت رچيا. ميران بائيءَ پڻ ڪرشن لاءِ پريم ۽ پڳتيءَ ۾ ڀريا گيت ڳايا. جيتوڻيڪ ساهت جي اِتهاس ۾ ڪبير، تلسي داس ۽ سورداس جي پيٽ ۾ ميران بائيءَ جو درجو گهٽ آهي، پوءِ به هن جا پڻ پڳتي رس جي ساهتيه ۾ هڪ خاص جڳهه والارين ٿا.

ميران ٻائيءَ جي جيوني

وچين دؤر جي ڪيترن هندي ءَ سنڌ ڪوين جهان، ميران ٻائيءَ جي جيون ۽ رچنائن بابت پڻ پورا تفصيل ميسر نہ ٿي سگهيا آهن. انهن ڪوين پاڻ بابت آسانڪي تمام گهٽ ٿي ٻڌايو آهي. چاڪاڻ تہ پويوءَ جي نماڻي ساڌڪ طور سندن پاڻ بابت ڪو بہ ذڪر غرور جو احساس ڏياري سگهيو ٿي. هڪ سچي ساڌڪ لاءِ 'خودي' کي مارڻ تمام ضروري آهي. هو فقط پنهنجي پويوءَ لاءِ ٿي کا اهميت رکيندو ۽ پاڻ سان واسته باقي ٻيو سيڪجهہ بيسود آهي. انڪري ميران ٻائيءَ جي رچنائن مان هن بابت ڪابہ جاڻ حاصل ڪرڻ عبث آهي. بهر حال ڪن ٻين ذريعن مان هن جي تخليقي عمل ۽ زندگيءَ بابت ٿوري گهڻي جاڻ حاصل ٿي سگهي آهي.

ناياداس جي سترهينءَ صديءَ ڌاري جوڙيل 'پڪت مال' ۾ ميران ٻائيءَ جي حياتيءَ جو مڪمل احوال ملي ٿو. ان پستڪ ۾ ٻن سون مشهور سنتن ۽ ڳڻتن جو احوال درج ٿيل آهي جن مان ڪيترائي ميران ٻائيءَ جا همعصر هئا. ممڪن آهي تہ ان ۾ ميران ٻائيءَ بابت درج ڪيل احوال وڌائڻ ٿي ملهو هجي. پڪت مال ۾ ميران ٻائيءَ بابت لکيل آهي:

"جڳ جي چوڻيچو جو ڏيپ ڏاڻ لاهي ۽ گهر بار جا بندن ٽوڙي ميران ٻائي گردر جي ڳڻتيءَ ۾ لين رهي. ڪرشن يگ جي گوالڻ جهان هن ڪلجگ ۾ پنهنجي پريم جو اظهار ڪيو. ڪنهن ڏيپ ڏاڻ بنا هن آزاديءَ سان ڪرشن پريم جا گيت

ڳالا. هن جي دشمنن ان کي ڏوهه سمجهي کيس مارڻ جو منصوبو ٺاهيو پر سندس وار ونگو بہ نہ ٿيو ۽ زهر کي اَمرت سمجهي پيئت ڪري ويڌي. هن بنا ڪنهن خوف جي سچي پگهٽيءَ کي برقرار رکيو.“(۱)

ان حوالي سان راجستان ۾ ميران بائيءَ جي زندگيءَ ۽ اُتان جي حالتن بابت موجود روايتن جي تصديق ٿئي ٿي ۽ هن جي ڪوتائن ۾ آيل حوالن مان پڻ اهي حقيقتون چٽيون ٿين ٿيون. پر انهن مان اها جاڻ نٿي ملي سگهي تہ هوءَ پاڻ ڪير هئي؟ ڪٿي جائي هئي؟ يا هن جو پتي ڪير هئو؟

اِتهاسڪارن ۽ وِدوانن وچ ۾ ميران بائيءَ جي حياتيءَ جي تفصيلن بابت هميشه متبيد پئي رهيا آهن. ڪافي عرصي تائين اِئين پئي سمجهيو ويو آهي تہ ميران بائيءَ جي شادي مشهور راجپوت جوڌي راٺا ڪمپا (۱۴۳۳ کان ۱۴۶۷ع تائين) سان ٿي هئي. اَهڙو راءِ جيمس ٽاڊ طرفان ظاهر ڪيو ويو هئو جو اَڳتي هلي ٻين پاڻ قبول ڪيو. پنهنجي ڪتاب 'اينلس اينڊ اينٽيڪيٽيز آف راجستان' ۾ ٽاڊ چيو آهي:

”ڪمپا ميڙتا جي راڻوڻن جي هڪ ڪنيا سان شادي ڪئي. راڻوڙ مارواڙ جي سهڻي گهراڻن ۾ اَڳرا هٿا. ميران بائي پنهنجي دؤر جي بيحد خوبصورت ۽ ذهمشت راجڪماري هئي. هن جي رچيل گيتن جو تعداد جهجهو هئو جيتوڻيڪ انهن جو ٻوچار دنيوي ٻرهم جا گيت ڳائيندڙ چارڻن ۽ پٽن جي پيٽ ۾ ٻوڙهه ٻرهم جا گيت ڳائيندڙن وٽ وڌيڪ هئو- هن جا پنهنجي اشٽ ديو جي واکاڻ ۾ ڳائل گيت ۽ پڇن اَڄ تائين ٻوچلت آهن ۽ انهن جو ڪافي قدر ڪيو وڃي ٿو. اِهو چوڻ

---

(۱) حوالو:- پڪٽ مال - اشاعت ٻرڀاٽ - ميران بائي (بمبئي ۱۹۶۵) ص ۳۷

ڏکيو آهي تہ اها شاعراڻي شوڌا هن پنهنجي پتيءَ وٽان گرهڻ ڪئي يا خود هن جي پتيءَ پنهنجيءَ پتيءَ وٽان ان سد پاوڻا جي سکيا پرائي جنهنجي نتيجي طور گووند جي گيتن جو سوجهڻ ٿيو. هن جي جيون کهاڻي پرين سان پر آهي ۽ جمنا کان دوارکا تائين پنهنجي پياري پرپوءَ جي هر آستان تي هن جي حد کان وڌيڪ پڳتيءَ هن متان مڙهيل گيتون تي بهتائن کي جنم ڏنو.(۱)

کانئس پوءِ جي اتهاسڪارن سندس ان بيان کي انهيءَ آڌار تي غلط چاڻايو آهي جو تہ اتهاس ۽ سميہ پتاندڙ ميران بائي راڻا ڪمبا جي پتني ٿي نٿي سگهي.

هري ولاس شاردا جو دليل آهي :

"ڪرنل ٽاڊ جو چوڻ تہ ميران بائي ڪمبا جي راڻي هئي، صحيح نہ آهي. ڪمبا ۱۴۶۷ع ۾ ماريو ويو. هوڏانهن ميران جو ڏاڏو دودا ان کان ۾ پوءِ ميڙتا جو راجا ٿيو. ميران جو پتا رتن سنگهہ ڪمبا جي موت کان اٺهٽ سال پوءِ خانوا جي لڙائيءَ ۾ ماريو ويو. ميران بائيءَ جي شادي راجڪمار پوج راج سان ۱۵۱۶ع ۾ ٿي هئي. ميران بائيءَ جو جنم ۱۴۹۸ع ۾ ٿيو ۽ هن جو موليو ۱۵۴۶ع ۾ دوارکا (ڪاٺياواڙ) ۾ ٿيو جتي هوءَ ڪيترن ئي سالن کان رهيل هئي.(۲)

انهن حقيقتن جي آڳتي هلي هڪ بئي تواريخ نويس گوري شنڪر هيراچندر اوجها تصديق ڪئي آهي. اها ڳالهہ دل سان نٿي لڳي تہ ميران بائيءَ جي شادي پنهنجي ڏاڏي جي هم عمر شخص سان ڪئي ويئي هجي. ٽاڊ جي ان

---

(۱) جيمس ٽاڊ - راجستان جي تواريخ ۽ پراچينتا (لنڊن ۱۹۳۰) ص ۳۳۷-۳۳۸

(۲) هريولاس شاردا - مهاراڻا سنگا (اجمير ۱۹۱۸) ص ۹۵-۹۶

غلط وشواس جو بنياد شايد ان ڳالهه تي آهي تہ چتور جي قلعي ۾ ٻہ لاڳيتا مندر آهن، جن مان هڪ راڻا ڪمبا ۽ ٻيو ميران بائيءَ سان منسوب ٿيل آهي. ٻہ چتورگڙهہ ۾ ميران بائيءَ واري مندر بابت آڏاوتي ماهرن جو راءِ آهي تہ اهو ان کانپوءِ راڻا سنگا يا رتن سنگهہ جي حڪومت وقت تعمير ڪيو ويو آهي.(۱)

انهن تفصيلن جي آڌار تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ ميران بائيءَ جو جنم ۱۴۹۸ع ۾ ميڙتا ۾ ٿيو هئو. ميڙتا جو علائقو ميران جي ڏاڏي راءِ دوداجيءَ هن جي پٽا رتن سنگهہ جي گدر سفر لاءِ اُلڳ رياست طور ورهائي ڏنو هئو. ٻاروٽ ۾ تي سندس ماءُ گذاري ويئي ۽ هوءَ پنهنجي ڏاڏاڻي گهر اچي رهي. راءِ دوداجي تہ رڳو هڪ قابل حڪمران ۽ مشهور جوڌو هئو ۽ گڏوگڏ وشنوءَ جو پڪو پوڄاري هئو. اهڙيءَ طرح ميران بائيءَ جو نديڻپ کان ئي ڌرم ڏانهن لاڙو ٿيڻ لڳو. پنهنجي گهر ۾ ئي تعليم ونديءَ هن سنگيت جو گهرو اڀياس ۽ ساڌنا ڪئي، جا آڪٿي هلي هن جي ڪوتائن ۾ آيو. ڪافي حد تائين اهو ٻہ ممڪن آهي تہ هن جي تعليم فقط راجڪمارين لاءِ گهربل تربيت تائين ئي محدود نہ رهي هجي. ٻہ هن کي اهي هنر ٻڌڻ سيکاريا ويا هجن جي سورهينءَ صديءَ جي راجستان جي وڳوڙي دؤر کي منهن ڏيڻ لاءِ راجپوت ناريءَ لاءِ جاڻڻ بيحد ضروري سمجهيا ويا هجن.

جيو وڃي ٿو تہ نديڻپ ۾ ميران بائيءَ کي هڪ رمتي جوڳيءَ وٽان ڪرشن جي مورتي ملي هئي. جنهن سان هن جو گهڻو ٻوهم ٻڌهي ويو. ۽ شايد انڪري هن مٿان ڌرمي رنگ وڌيڪ

---

(۱) هومن گيٽز- ميرا بائي هر لائيف اينڊ ٽائيمس (بمبئي ۱۹۶۶) ص ۵

چڙهندو ويو. اها ڳالهه پڻ مشهور آهي ته ميران بائيء ڪرشن جي اهڙا مورتي پنهنجي شاديء جي سانن سڳنن وقت ۽ پاڻ سان سوگهي ڪري رکي ۽ ان بعد پاڻ سان چتور ڪٽي آئي. ائي هن پنهنجي پٽيء جي ڪُل ديوي ڪاليء کي پوڄا ڪان انڪار ڪيو، جنهن ڪري هن کي پنهنجن ساهون جي رنجش سهڻي پيئي.

ميران بائيء جي شادي ۱۵۱۶ع ۾ راڻا سنگا جي وڏي پٽ پوج راج سان ٿي. هن جو پٽي ميواڙ جو يوراج هئو. هو شايد لڙائيء ۾ ڪاڏل زخمن سبب ۱۵۲۱ع گذاري ويو. اُن وقت کان وٺي ميران بائي نه رڳو هڪ وڏوا واري زندگي گذاريندي رهي ۽ راجستان جي اُن وقت واري هنگامي سياسي حالتن، راجپوتن جي ڪن فرقن وچ۾ چتور جو راج هٿ ڪرڻ لاء اندروني چڪتاڻ پڻ مٽس گهرو اُڀو ڪيو. هن جي سهري راڻا سنگا جي ڏيهانت ڪانپوء ميران بائيء جو ڏير رتن سنگهه ميواڙ جي گديء تي ويٺو. رتن سنگهه ميران بائيء جي ڏرمي مشغولين ۽ پاڻ پوڄائن جو سخت ورودي هئو. وڏوا ٽيڻ ڪانپوء ميران بائيء جو ڏرمي اُلساه تمام گهڻو وڌي ويو هئو. هوء پنهنجو سڄو وقت ۽ سموري قوت ڪرشن جي پوڄا ۾ لڳائيندي هئي ۽ هن کي ئي پنهنجو پريتم، پٽي ۽ جنم جنم جو ساڻي ڪري سمجهندي هئي. هوء سڄو وقت خاص پنهنجي لاء ٺهرايل مندر ۾ ئي گذاريندي هئي. اُتي ئي هوء ڪرشن جي پگٽيء ٻڌا گيت رچيندي هئي ۽ رمتن جوگين، سادن سنتن جو آءُ ڀاءُ ڪندي هئي. باغي سياءِ هٿ ڪري هن ريتين رسمن جا اِهي سڀ نيم ۽ بندن ٽوڙي ڇڏيا، جن اُنوسار راجائي ڪل جي هڪ ناريء کي هلڻو ڦولدو هئو. هن جي اُهڙيء هلت سڄي ڪٽنب، خاص طور ڏيئر راجا کي، ڪاوڙائي ڇڏيو. ميران بائيء پاڻ به اهو چالو ٿي ۽ هن

پنهنجن گيتن ۾ اُهڙو ذکر ڪيو آهي.

ريتيون رسمون سڀ ٽوڙي، مون
سنتن جو ٿي سنگ ڪيو.

...

سهما سس ڏئي ٿي:
مون ٿي ڪُل جو نالو ٻوڙيو آ.

...

لوڪ لڄا جي مونکي هاڻي کاڻ رهي کا ناهي.

ظاهر هئو ته راڻي ميران جي ڏرمي ڪارروائين کي ٻيڙو ڏيڻ ٿي چاهيو ۽ هن کي ختم ڪرڻ جون ڪيتريون ڪوششون ڪيون ويون. هڪ ڀيري گلن جي ٽوڪريءَ ۾ هڪ زهريلو نانگ لڪائي ميران ٻائيءَ ڏانهن موڪليو ويو. هن جڏهن ٽوڪري کولي ته ان ۾ نانگ بدران سالگرام پيل هئو. ٻئي ڀيري هن ڏانهن زهر ڀريو پيالو موڪليو ويو جو هوءَ گيت ڪري ويٺي ٻو هن ٿي ان جو کوبه اُٿر نه ٿيو. هن جي کوتائن ۾ اُهڙن واقعن جا وقتي حوالا ملن ٿا:

"راڻا مونکي مارڻ کائن، زهر ڏنءِ جاڻان ٿي!
ڀڳيس الهيءَ مان، ڪندن ٽيندو آ جڳن سون جلي!"

هڪ ٻئي گيت ۾ فقط انهن واقعن جو ذکر ڪيو ويو آهي.

"ميران ٻڌي مگن هريءَ جا ڳڻ ڳائي ...
نانگ پٽارو موڪلي راڻي ڏنو هٿن ۾ ميران جي.
وهنجي سهنجي ڏٺيين نه سالگرام هئو ان جي بدلي.
وهم جو پيالو موڪليو راڻي، امرت ٿي ويٺي سا
وهنجي سهنجي پيٽ لڳي جڳن ٿي ويٺي امر سدا

ڪنڊن واري سيج سجائي راڻي موڪليو ميران کي
سانجهي ٽيندي سمهڻ لڳي جڳن، پاڻ نه ليٽي ڏولن ٽي.
ميران جو ٻڌيو سدا سهائي، سيمي وگهن مٽائيندو
پڄن پاڻ ۾ مست ڦري جا، گوڏر پار لڳائيندو.

انهن آپدائن کان وار وار بچي وڃڻ کي ميران ڪوشش جو چمتڪار ڪري جاڻو. گيٽيز جي هڪ دلچسپ ڏاڙڪا اِها آهي نه اُهي سڀ سازشون رڳو سياسي سببن ڪري ٿي رهيون هيون. راڻي رتن سنگهه جي وچار موجب ميران ٻائي دشمنن جي ڏر جي هٿي ۽ هن جو اَنومان هٿو نه اِهي ساڏو ۽ پيٽو جاسوس هٿا.

۱۵۳۱ع ۾ رتن سنگهه جي قتل کانپوءِ ۽ ميران ٻائيءَ جي مصيبتن جو ڪو اَنت نه آيو. رتن سنگهه جي جاءِ نشين وڪرماجيت پڻ هن کي جڳن جو ٽڳن آزار جاري رکيو، جيتوڻيڪ هن ڪڏهن به سياسي ڪمن ۾ ڪا دست اَندازي نه ڪئي. پنهنجي ساهري ڪٽنب جي ٻڌڻن ۽ ڪٽ پٽ کان ٽنگ ٽي هوءَ ميواڙ چڏي پنهنجي پيڪي گهر ميڙتا ۾ موٽي آئي. اَلبت سڪ سانت وارو اهو عرصو گهٽو وقت جٽاءِ نه ڪري سگهيو. هن جي چاچي ويرم ديو پڻ هن جي ڏرمي ڀالهين خلاف اعتراض اُٿاريو جي هن جي خيال موجب راجائي ڪُل جي وڏوا بدران ڪنهن ٻيسوي ناريءَ کي ٽي سونهيون ٽي. ميران ٻائيءَ نيٽ ٻوندابن جهڙي ٻوٽو استان ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيو، جتي ڪرشن پنهنجو ٻاروڙپڻ گوپين جي سنگ ۾ هوهڪ جو پيارو بڌجي گذاريو هٿو. چتور ۽ ميڙتا ۾ رهڻ جون سڀ واهون بند ڏسي هوءَ دوارڪا ڏانهن راهي ٽي، جو پڻ ڪرشن جو آستان هٿو. هتي هوءَ اَنت سمي تائين رهي. هن ۱۵۴۷ع ۾ پران تياڳيا.

جيتوڻيڪ ميران ٻائيءَ ٻاڻ بابت کي به تاريخون نه
ڄاڻايون آهن پر هن جي زندگيءَ بابت کي حقيقتون هن
جي کوٽائن مان ڄاڻي سگهجن ٿيون. هوءَ ميڙڻا جي راجائي
کل جي راجڪماري هئي، اَهڙي تصديق هن جو ٻاڻ کي
'ميڙڻاڻي' يعني ميڙڻا جي رهاڪو کوٽ مان ٿئي ٿي. راڻي
جي هن سان دشمنيءَ ۽ راجائي رهتين رسمن کي پڻ کوڙ
بابت هن جي پنهنجي قبوليت جو اڳهه ئي ذڪر ڪيو ويو
آهي.

ميران ٻائيءَ متعلق ڪٿائون

ميران ٻائيءَ جي عوامي اَڻ-ر ۽ ان سان شامل تواريخي حقيقتن جي عدم موجودگيءَ، هن متعلق ڪيترين ئي دلچسپ ڪٿائن کي جنم ڏنو آهي. انهن مان خاص طور اهي ڳالهيون جي هن کي ملهيل تڪليفن بابت آهن ۽ جن ۾ هن جو زهر جي اَثر خواه نانگ کان اِسراري نموني بچي وڃڻ جو ذڪر آهي، اڄ ب موجود آهن. ڪٿي ڪٿي نرالو بيان اهو ب آهي ته وڪرماجيت ميران ٻائيءَ کي پنهنجو پاڻهي ٻڌي مرڻ لاءِ پڻ چيو هيو ۽ هن ان لاءِ ڪوشش ب ڪئي پر ٻڌي نه سگهي.

ٻيا قصا هن جي دوارڪا ۾ ٽيل مرڻيوءَ متعلق آهن. چيو وڃي ٿو ته راڻا وڪرماجيت جي گادي نشين اديه سنگهه کي رڄ برهمڻن جو هڪ جٿو ميران ٻائيءَ کي واپس وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. پر ميران ٻائي لڙائيءَ کان پڙهائنگ ٽيل راجستان خواه راڻي جي ڪنب ڏانهن واپس ورڻ لاءِ تيار نه هئي. برهمڻن جڏهن هن مٿان زور ٻار آندو تڏهن هن رڇوڙجيءَ (ڪرشن) جي مندر ۾ رات رهڻ جي خواهش ڏيکاري. صبح جو هوءَ ڪٿي ب نظر نه آئي. شوڌالن جو وشواس آهي ته ميران ٻائي پنهنجي آتمڪ بل سان رڇوڙجيءَ جي مورتيءَ ۾ سمائجي ويئي هئي. اها جاڻ نه پڄي سگهي آهي ته هن سچ پچ انهيءَ ئي رات ڀرڻ ڪيو يا پنهنجي ڏرمي وشواس خواه آزاديءَ کي قائم رکڻ لاءِ رات جو چپ چاپ دوارڪا مان نڪري هلي ويئي ۽ پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن گمنام ٻڌجي هڪ تيرٿ استان ڪان پئي تائين

رڻ ڪندي رهي.

هڪ ٻيو مشهور عقيدو اهو آهي ته ميران جي سونهن ۽ پڳتيءَ جون گالهيون ٻڌي مغل شهنشاه اڪبر پنهنجي درباري گوئيي تانسين کي ساڻ وٺي هن سان ملڻ آيو. اِهو ٻه ڇيو وڄي ٿو ته هن ميران کي هڪ هيون جو هار سوڪڙي ڪري ڏنو. تواريخي لحاظ کان وري ٻه اها گالهه دل سان نٿي لڳي. تانسين اڪبر جي دربار ۾ ۱۵۶۲ع ۾ آيو هٿو. جيڪڏهن ميران ٻائيءَ جي لاپتي ٿيڻ وارو سال ۱۵۴۷ع ڪري مڃيو وڃي ته ميران ٻائيءَ ۽ اڪبر جي ملاقات اڃ ٿيڻي ٿي لڳي. ٻئي طرف اهو پڻ ممڪن آهي ته ميران ٻائي پنهنجي رڻ جي دؤران گپت نموني ڪڏهن تانسين سان ملي هجي ۽ اڪبر جو اُن وقت جوان شهزادو هوندو، هن سان ڪڏهن گڏجڻ آيو هجي. گوئيز پڻ پوئين دليل کي قبول ڪري ٿو.

ميران ٻائيءَ جي گروه متعلق پڻ ڪافي متيبد آهن. عام وشواس آهي ته جنهن رمتي جوگيءَ ميران ٻائيءَ کي ڪرشن جي مورتي ڏني هئي اهو رامانند جو مشهور شش رئيداس هٿو. ميران ٻائيءَ پنهنجي هڪ گيت ۾ رئيداس جو نالو پنهنجي گروءَ طور آندو آهي. بهرحال جيڪڏهن رئيداس ئي ميران کي اها مورتي ڏني هئي ته هو سؤ سالن کان به وڌيڪ عمر جو هوندو. ان بابت جدا جدا رايا آهن ۽ کوڙ اهڙو تواريخي ثبوت نٿو ملي جنهن مان اهو ثابت ٿئي ته رئيداس ئي حقيقت ۾ ميران جو گرو هٿو.

ميران جون رچناؤن

ميران ٻائيءَ جي زندگيءَ جي احوال جيان هن جي رچيل ڪوتائن جي تعداد بابت پڻ جدا جدا رايا آهن، ۽ هوءَ

پهنجن گيتن ڪري ٿي گهڻو مشهور آهي. جيڪي پد ميران بائيءَ سان منسوب ڪيا وڃن ٿا اهي ڪل چٽن سؤن جي لڳ- پڳ- آهن، جيتوڻيڪ چٽي نٿو سگهجي ته اهي سڀ هن جا ئي رچيل آهن. انهن پدن کان سواءِ ٻيون پڻ ڪيترين ئي ڪوٽائون هن جون رچيل ڇيون وڃن ٿيون، حالانڪ ان بابت ڪابه سند پيش ڪري نٿي سگهجي. جنهن دؤر ۾ ميران بائي رهي هئي، ان ۾ ڪنهن به مسؤدي کي محفوظ رکڻ جا وسيلا محدود هئا. راجستان جي شاهي ڪتبخانن ۾ اڪثر ڪي مسؤدا يا ڪن سانڍيل جوڳن ساهتيڪ مسؤدن جو نقل سنڀالي رکيو ويندو هئو. ميران بائي جيتوڻيڪ شاهي ڪُل مان هئي تہ به ان ڏس ۾ ايتري خوشنصيب نہ هئي. پهنجي پتيءَ ۽ سهري جي سرگ-واس ٿيڻ بعد ميران بائي هڪ پنيان ٻڌي آيل راڻن هٿان لڳاتار ڏڪ ڏسندي رهي. هن سان ايترو وڏو هٿ سبب، انهن هن جي رچنائن کي سنڀالي رکيو هجي، اهو ٿي نٿو سگهي. ميران بائيءَ جي جنم ڀومي ميڙتائي يقينا اهڙو هند هئو جتي هن جون رچنائون سانڍي رکيون وڃن ها ۽ اها هڪ نديءَ رياست هئي جا هميشه اَندروني بکيڙن سبب وڇوڙي حالتن ۾ رهندي هئي اِنڪري ائي ڪجهه به ٿي نہ سگهيو.

ڪبير جهڙن سنت ڪوين جون رچنائون هٿن جي ششن سانڍي رکيون. ڪبير کوپي خواه پرچارڪ ٻڌي هئو. جيتوڻيڪ هو پاڻ پڙهيل نہ هئو تہ به هن جي پوئلڳن هن جي واڻيءَ کي پوريءَ ديانتداريءَ سان قلمبند ڪيو. سورداس برندابن جي مندر ۾ ڪرشن جي واکاڻ ۾ نون پدن جي رچنا ڪئي. تلسي داس، هڪ پڙهيل لکيل کوپي هئو، هن پاڻ پهنجيون ڪوٽائون لکيون. ۽ ميران بائي پرچارڪ نہ هئي، هن جا ڪي اَهڙا صدق وارا شش نہ هئا

جي هن جي رچنائن کي آئمڪ ورڻي طور سنيالي رکن. بلڪ هوءَ رگو مندر ۾ ڪرشن جي مورتيءَ اڳيان گائيندي رهي ۽ هن جا گيت هرڪنهن لاءِ هئا. ممڪن آهي ته هن پاڻ اهي گيت ڪٿي لکيا هجن پر آهڙو ڪو به مسودو نه ملي سگهيو آهي جنهن لاءِ چئي سگهجي ته اهو ميران ٻائيءَ جو لکيل آهي. هن ڪڏهن به پاڻکي هڪ رچناڪار طور تسليم ڪرائڻ جي ڪوشش نه ڪئي ۽ انڪري ئي شايد پنهنجين ڪوتائن کي لکت ۾ رکي وڃڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي.

رمتا جوگي، چارڻ ۽ راڄ ڪوي گهڻو ڪري ساهتيڪ رچنائن ۽ نامور راجائن بابت چيل گالهين ۽ قصن کهاڻين کي محفوظ ڪندا رهيا آهن. پرٿوي راج راسو جهڙي عظيم شاعراڻي تخليق، جا راجا پرٿوي راج جي دوست ۽ درباري ڪويءَ چاند رچي هئي، هن جي خاندان ۾ ڪيترين ئي پيڙهين تائين محفوظ رهي. ميران ٻائي سياسي طور ايتري اهميت رکندڙ نه هئي ۽ نه ئي راجائي کل ۾ هن جو اهو رتبو هئو انڪري چارڻن خواه راڄ ڪوين هن کي نظرانداز ئي ڪيو.

ميران ٻائيءَ جي زندگي عوام لاءِ هڪ افسانو بڻجي ويئي. هن جي ڪٿن پويکيا ۽ ڪشٽن، هن جي اپار ڪرشن پڳتيءَ جون کهاڻيون سچي اُٽر پارت ۾ انهن ئي ساڌن ۽ شردالن ذريعي پڇندیون رهيون، جن جو هوءَ پنهنجي مندر ۾ آءُ ياءُ ڪندي هئي. هن جي سنگيت ميه پدن ۽ اُجهل اُمنگن ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ڇڏيو. سنگيتڪارن مناس ۽ جذبي سان پويل هن جي گيتن کان متاثر ٿي سندس گيتن کي سنگيت ساڌنا سان واڻي ويڻي زنده رکيو. هن جي سينڌي رچنائن ۾ انهن خاص راڳڻين جو ذکر ملي ٿو جن سُرن ۾

هو گيت ڳائي سگهجي. ميران جا گيت پري پري تائين ڦهليڻ لڳا ۽ عوام جي زندگيءَ جو اٽوٽ حصو بڻجي ويا. اَسانکي هن جون ڪوٿائون هندي، گجراتي ۽ راجستانيءَ ۾ ملن ٿيون. هن جي عوام ۾ مقبوليت هڪ وڏو سبب هئو جنهن هن جي رچنائن کي مڪمل طور ميسارجي وڃڻ کان بچائي ورتو.

انهن پندن مان گهڻا ٿا هڪ سکيءَ ۽ حال ٻائيءَ سان اوريل اُڏما آهن. ڇيو وڃي ٿو ته ميران ٻائيءَ وٽ للتا نالي هڪ سيوڻي هئي، جا پنهنجيءَ مالڪ سان سچي عمر وفادار رهي. جڏهن ميران ٻائي ميڙتا چڏي برندابن وڃڻ لڳي ته للتا به هن سان گڏ ويئي. جنهن وقت ميران پنهنجا تازه رچيل پد ڳائيندي هئي ته للتا اهي اُتاريندي ويندي هئي ۽ اهي سنياڻي رکندي هئي. اڄڪلهه اهو نسخو سترهين صديءَ ڏاري گجرات جي مسلمان حڪمران جي رٽيوڙجيءَ جي مندر جي خزاني لٽڻ وقت ناس ٿي ويو.(۱)

ميران ٻائيءَ جي نالي منسوب ڪيل رچنائون هي آهن: گيت گووند کي ٽيڪا، نرسي جي راڳ ماهيرا، پد، راڳ سورٺ جي پدن جو ڳٽڪو، راڳ ملهار، راڳ گووند، ستيامانو روسان، ميرا لي گربي، رڪمڻي منگل، نرسي مهتا نو هنڊي، چرٽ.(۲)

گيت گووند کي ٽيڪا

گيت گووند جي مٿين ٽيڪا جودپور جي شاهي پستڪاليه

---

(۱) للتا پرساد شڪل — ميرا سمرتي گرنٿ (ڪلڪتا ۱۹۴۹ع)

(۲) هن حصي ۾ گهڻو ڪري پرڀات طرفان شايع ٿيل ميرا ٻائي جا حوالا آهن.

ء اُٹويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين محفوظ رکيل ڇڪي وڃي ٿي. پر هن وقت اُلي اُهڙو کوبه نسخو موجود نه آهي. راڻي ڪميا 'رسيڪ پريا' نالي هڪ پاشيه لکيو هيو. جڏن ته ٽاڊ جهڙن اِتهاسڪارن جي ويچار ۾ هو ميران جو پٽي هيو اِنڪري ممڪن آهي ته ان پاشيه کي پل وچان ميران جي نالي منسوب ڪيو ويو هجي.

نرسي جي راءُ ماهيرا

هيءَ هڪ بيالي رچنا آهي، جنهن ۾ ميرا بائيءَ ۽ مٽولا نالي هڪ اِستريءَ وچ۾ گفتگو ڏيکاريل آهي. ان ۾ مشهور پڳٽ ڪويءَ نرسي مهتا طرفان شاديءَ جي موقعي تي ٿيندڙ سائن سڳڻن جو ذکر آهي. ان ماهيرا جا اَٺ نقل پستڪالين ۽ ڪتابن جي شخصي ذخيرن ۾ موجود آهن. انهن سيني نقلن جي عبارت لڳ ڀڳ هڪ جهڙي ئي آهي. ساهتيڪ درشٽيءَ کان ماهيرا هڪ رواجي رچنا آهي ۽ شايد ميرا داس نالي ڪنهن وٺندڙ جڳياسوءَ جي لکيل آهي.

ساڳيءَ طرح اِها دعوليٰ ته ميران بائيءَ 'سنياما نو روسان'، رڪمڻي منگل، نرسي مهتا ني هنڊي ۽ چرت لکيا آهن، ڪن خاطرخواه تفصيلن سان ثابت نٿي ٿئي.

هن جون ڪئين سنگيت رچنائون جهڙوڪ راڳ سورٺ، ميرا بائي نِي گروپي، راڳ گووند ۽ راڳ ملهار بنيادي طور ڪي اَلڳ رچنائون نه آهن. انهن گيتن کي اَڄڪلهه هلي سنگيت جي سُرن جي آذار تي مٽين سُرن هيٺ سوڌيو ويو آهي. مثلا راڳ سورٺ ۾ ڳائل هن جي سيني گيتن کي شايد هڪ هٽ گڏ ڪري، ان راڳ جي نالي وارو سنگرهه ڪري سڏيو ويو آهي. ميران بائيءَ پارلي سنگيت جي پرمپرا جي پوري سڪيا حاصل ڪئي هئي ۽ هوءَ گهڻو ڪري اهي ئي

گيت رچيندي هئي جيڪي ڪنهن سر يا راڳڻيءَ ۾ ڳائڻا وڻن. جيو وڃي ٿو تہ ميران ٻائيءَ هڪ خاص سر جي رچنا ڪئي هئي، جيڪو هن جي نالي پويان 'ميران ٻائيءَ جو ملهار' سڏيو ويو. راڳ- سورٺ جيان ميران ٻائيءَ جي ملهار ۾ ڳائل گيتن کي پڻ هڪ هٻڪ سوڏيو ويو آهي. اها حقيقت راڳ- گووند سان پڻ لاڳو آهي، جنهن ۾ اهي گيت شامل آهن جيڪي خاص گووند (ڪرشن جي گوالي واري روپ) لاءِ ڳائل آهن.

گربي اهـو گيت آهي جيڪو ڇوڪرين جي خاص نرتيہ سان گڏ ڳائو ويندو آهي. ان نموني جـا ستٽيهہ (۳۷) گيت ملن ٿا، جيڪي ممڪن آهي تہ ميران ٻائيءَ جا ئي رچيل آهـن.

ميران ٻائيءَ جي شهرت سندس پدن ڪري ئي آهي، جيڪي گهڻو ڪـو ٻين سنت ڪوين جي رچنائن سان گـڏ ڪن سنگرهن ۾ شامل ڪيل آهن. اهي هن جي دؤر ۾ ٿيل ٻولين جي واڌاري ۽ وياڪرڻ جي بنياد ئي ۽ ٻئي طرف سينئي نسخن کي پيٽي انهن ۾ هڪجهڙائيءَ کي پـرکي ئي اهي ميران ٻائيءَ جا رچيل ڪري مڃيا وڃن ٿـا. هڪ ٻي پرک، جو جيتوڻيڪ هميشہ قطعي ثبوت نہ آهي، اها گيت جي پچاڙيءَ ۾ تخلص طور آيل هن جو نالو آهي. 'ماهيرا' ۽ 'ستيامانو روسان' ۾ هن جو نالو ملي ٿو پر چئي نٿو سگهجي تہ اها ساڳي ئي ميران آهي.

جيتوڻيڪ اهو شايد پهريون نہ هجي پر ميران ٻائيءَ جي ڪوتائن جـو مڪمل جلد ڊاڪور ۾ رکيل آهي، جنهن ۾ فقط هڪ سؤ ئي اَهڙيون ڪوتائون هڪ هٻڪ درج ٿيل آهن، جيڪي سينئي سنگرهن ۾ ملـن ٿيون. ٻين سنگرهن مان چونڊيل ڪوتائن جـو تعداد چار سؤ کن آهي. انهن مـان

گھٹيون ٹيون رچنائون انهن اصلوکين هڪ سوَ ٽن ڪوٽائن مان ٿي ڏهوايل آهن. ۽ ڇڻي سگهجي ٿو ته اهي پوءِ ٿي شامل ڪيون ويون آهن. ميران بائيءَ جي عبارت جو سولائيءَ سان نقل ٿي سگهيو ٿي ۽ هن جا اُمنگ هرڪنهن جي دل کي ڇهي ٿي سگهيا.

ميران ٻائي ۽ پگهٽي

ميران ٻائيءَ جي مٿن اندر هڪ شوڌالو ۽ ڪوي انهن سمائجي ويا آهن جو هن جي رچنائن کي سمجهڻ ۽ انهن جو چيڊ ڪرڻ لاءِ اهو ضروري ٿي ٿو پوي ته هن جي شاعريءَ کي سندس ڏرمي وشواس جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي.

جڏن اڳهر ذڪر ڪيو ويو آهي ميران ٻائي ڪبير جيان ڪا سڌارڪ يا پرچارڪ نه هئي ۽ نه ئي هن تلسي داس جيان ڪو خاص دليوي انيڪ پيش ڪيو. هن پگهٽيءَ جا سڀ سڌانت قبول ڪيا ۽ سڄي عمر بنا ڪنهن ڀيد ڀاو جي انهن تي عمل ڪندي رهي. ايئن سڀني ساڌڪن جيان هن به جنم مرڻ جي چڪر کان نجات حاصل ڪرڻ چاهي ۽ ان اپار برهم ۾ لين ٿيڻ چاهيو جيڪو هن لاءِ انساني جامي ۾ اَلوڪڪ آنند ۽ سندرتا جو ڪرشن وارو روپ وٺي آيو هئو.

ڪرشن کي، جڏن کيترن شوڌالن پوڄيو پئي آهي، هن مهاڀارت واري جنگي جوڌي جي روپ ۾ نه ڏٺو پر هڪ سانوري سڄاڻ، چنچل ٻالڪ ۽ پريميءَ واري ان روپ ۾ ڏٺو جيڪو روپ پاڳوت پراڻ جي ڏهين اَڌياءِ ۾ ڏيکاريل آهي. هن پستڪ ۾ انهن واقعن جو ذڪر ڪيل آهي جن هيٺ وشنوءَ ڪرشن جي روپ ۾ جنم وٺڻ جو فيصلو ڪيو هئو. مٿرا نگريءَ ۾ ڪنس نالي هڪ ظالم راجا جو راج هئو- اِها اڳڪٿي ٻڌي ته هن جي سوٽ ديوڪيءَ جو اَٺون ٻار هن جو ماريندڙ هوندو هن ديوڪيءَ ۽ سندس پتيءَ وسديو کي قيد ۾ وڌو ۽ سندن هر ٻار کي جنمدي ئي ختم ڪندو

رهيو. نيٺ ڪرشن جي جمڙ جو وقت آيو- هن پنهنجي پتا کي ڪرشن جي روپ ۾ درشن ڏنو ۽ ڪيس آديش ڏنائين ته پنهنجي ايندڙ ٻار کي يادو واري گوڪل ۾ رهندڙ پنهنجي دوست نند کي جاول ٻار سان بدلائي چڏي. قدرت جي شڪتيءَ سان هن جي ٻنهن ۾ ٻيل ٻڌيون لهي ويون. دروازا پاڻمرادو کلي ويا، پهريدارن کي اڳهوڙ نند اچي ويڻي ۽ وسديو سڪلتا سان ٻار کي بدلائڻ جو ڪم پورو ڪري ورتو. ڪنهن کي به اهڙا جاڻ پڄي نه سگهي ته راتو رات چا ٿي گذريو. خود نند ۽ هن جي پتنيءَ يشوڏا کي موڙچا حالت ۾ اهڙا جاڻ نه پڄي سگهي ته ڪرشن کي سندن ٻار سان بدلايو ويو آهي. هي ٻالڪ پنهنجي ايشوري روپ کي لڪائي ان جاتيءَ جي ٻين ٻارن وانگر ٿيو. ان ڪوٺ ۾ گهڻو ٿڌو گوال رهندڙ هئا. ڪرشن به وڏو ٿي ٻين ڇوڪرن سان گڏ گايون چارڻ لڳو. هن جا باروٽا وارا سال واقعن ۽ وارداتن کان خالي نه هئا. هن ڪيترن ئي انهن دٽيتن کي ختم ڪيو جي هن کي مارڻ جي ارادي سان بوندابن آيا. آهڙا بهادريءَ وارا ڪم جتي هڪ طرف سڀ سياڻ پاسجڻ لڳا اٿي گوالن کي ڪرشن جي آديت انساني شڪتيءَ جو آحساس پڻ ٿيڻ لڳو. ڪين اهڙا جاڻ نه هئي ته هو سڀ ڇا ڪيو هئو؟ حالانڪ هرڪو هن جي سندرتا ۽ باراٽي آڏهنگائيءَ تي موهت هئو.

ڪرشن جي زندگيءَ جو ٻيو دؤر هن جي گوپين سان پريم ليلا وارو هئو.

جيتوڻيڪ هو سڀ پوٽيل آهن ته به گوپين لاءِ ڪرشن کان پاڻ پلڻ مشڪل آهي ۽ سداچار خواه سندن مڙسن جي موجودگيءَ جي ڀتاءِ جي باوجود هرڪا هن جي پريم ۾ ٻڌجي وڃي ٿي. ڪرشن جنهن نموني بن ۾ گهمندو ٿو رهي

اِهو ڏسي گوپين کي سواءِ هن جي سندرتا پسڻ جي ٻيو
ڪجهه نه نڏو سڄهي. هنن جا هٿ ته هاج ۾ آهن ۽ سندن
من ۾ ڪرشن جا ئي ويچار آهن. هو پنهنجي گهر گرهست
۾ قاتل آهن ۽ هر وقت هرڪا هن جي ئي سڪ ۾ ٻڏل
آهي. (۱)

هڪ رات هنن ڪرشن جي مرليءَ جو آواز ٻڌو ۽ سيڻي
پنهنجن گهرن ۽ ورن کي وساري جمنا جي ڪناري ڏانهن
هلڻ لڳيون جتي ڪرشن سندن انتظار ۾ ويٺو هيو. هنن
ڪرشن سان گڏجي راس رچائي. ڪرشن پنهنجيءَ اَديت
شڪتيءَ سان ايترا ته روپ ڌارڻ ڪيا جو هر گوپيءَ ائين
پاڻيو ته ڪرشن رڳو هن جو ئي آهي. اَهڙيءَ ريت هن
هرهڪ گوپيءَ کي خوش ڪيو. گوپيون بهه منڊ ٿي
هن جي وس ۾ اچي ويون ۽ هن کي نند جو سندر ٻالڪ
سمجهي پيار ڪرڻ لڳيون. جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن کين
اهو پڻ محسوس ٿيڻ لڳو ته ڪرشن جي سموري شخصيت
۾ ڪا اَهڙي جادوئي طاقت لڪل آهي جيڪا بيان نٿي
ڪري سگهجي.

شروع ٿي پيتامبر ۽ مٿي ٿي مور مڪٽ پائي، هٿ ۾
بنسري کڻي ڪرشڻ گايون چاريندو هيو ۽ گوپين سان راس
رچائيندو هيو ۽ راڳ، رنگ ۽ مؤج مستيءَ جي انهن گهڙين
گهٽو وقت جڏهن نه ڪيو جو جو ڪرشن لاءِ ورندابن ڇڏي
مٿرا وڃي ڪنس کي مارڻ جو وقت اچي ويو. اکرور نالي
قاصد ورندابن پهتو ۽ ڪرشن کي پاڻ سان مٿرا وٺي ورندابن
کي ويران بڻائي ويو. جمنا جنهن جي ڪنارن ٿي هو گهميو

---

(۱) W. G. Archer, The Loves of Krishna (New York, 1964) p-36.

هڪو، جن گاين جي سنيال لڏي هئي- هن جا سنگتي ساڻي ہال گوپال ۽ سپ کان وڌيڪ گوپيون سپ هن جي وڇوڙي ۾ وياکل ٿيڻ لڳا. جيتوڻيڪ مٿرا اتان گهڻو پري نه هئي نه ہ گوپين وري کڏهن ہ ڪرشن جو درشن نه ڪيو ڇو جو ڪنس کي مارڻ بعد هو پنهنجي اصلوکي يادون جي کل ۾ وڃي شامل ٿيو ۽ مٿرا ڇڏي ويو.

میران ہائيء ہ ہاڻ کي گوپي ڪري جاڻو ۽ هن جي پگتيء ۾ ہڻ اهو ڪروڙامين نسوارت پريم سمايل هڪو جيڪو گوپين کي ڪرشن لاء هڪو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن جي پگتي، پاڳوت پراڻ ۾ ڏيکاريل مارگ- آنوسار اوچ ڪوٽيء واري ڪري سمجهي وڃي ٿي. ولپ آچاريہ ۽ هن جو پشٽ ہڻ گوپين جي ڪرشن پريم کي مهان ڪري سمجهي ٿو ڇو جو اهو گهرو، وياپڪ ۽ پختو آهي.

ڪرشن پگوت گيتا جي اڙڻهين اڌياءِ ۾ پگتيء جي پريبهاشا هينين اکرن ۾ ڏني آهي:

"مون منجهه من رک، منهنجو ئي پگت ٿيءُ، مونکي نمسکار ڪر، منهنجي ئي پوجا ڪر، تون مون وٽ ئي ايندين- مان توسان پرتگيا ٿو ڪيان- ڇو جو تون مونکي پيارو آهين."

سچي پگتي انکري کڏهن ہ پنهنجي اديش کي اکين کان اوجهل ٿيڻ نٿي ڏنو ۽ هن جا سپ ويچار ۽ ڪرم سدا ڪرشن ڏانهن ئي رهيا ٿي. ان جا ظاهري پرماڻ جن جو پگتي رس جي شاعريء ۾ گهڻو ذڪر ملي ٿو تن جو هن ريت بيان ڪيو ويو آهي.

پگتي (جڳن پاڳوت پراڻ ۾ سمجهايل آهي) جذبي جي اها اَجهل اَچل آهي جيڪا انسان کي اَواڪ ڪري ڇڏي ٿي. سندس اکين مان آنسن جي ڌارا وهائي ٿي ۽ اُمنگ

وچان روم روم کڙو ڪري ٽي ڇڏي. جا ڪڏهن ٻاڪلن وانگر ڪلائي ٽي نہ ڪڏهن روٽاري مورچا ڪري ٽي ڇڏي. اَسانکي ٻڌايو ويو آهي نہ اهو سڀ ڪوشن جي مورتيءَ کي چٽائي ڏسڻ سان، هن جي گڻ گان ڪرڻ سان، هڪ ٻئي ڏيان سمرڻ ڪرڻ سان، هن جي پگتن جو سنگ ڪرڻ سان، سندن واتان ڪوشن جي ويرتا جون وارتائون ٻڌڻ سان ۽ ساڻن هن جي پويم جون رهاڻيون ڪرڻ سان ئي حاصل ٿئي ٿو. اهي سڀ ڳالهيون پگتي پاونا ئي پڌرا ڪن ٿيون ۽ اها پگتي ئي اِنسان کي مڪمل چوٽڪاري جي راهہ ڏانهن وڃي ٿي.(۱)

ولبہ آچاريہ پگت ۽ پگوان وچہ چٽن قسمن جو ناتو ڏيکاريو آهي ـ والسليہ، داسيہ، سکيہ، ماڏريہ.

اِهي سڀ هڪ ٻئي کان اَلڳ نہ آهن پر ڪيترن ڪوين پنهنجين رچنائن ۾ انهن جو هڪ يا وڌيڪ پهلو ڏيکاريا آهن. سورداس والسليہ ۽ ماڏريہ پاڻ ئي وڌيڪ ڏيان ڏنو آهي. والسليہ پاڻ ڪوشن يا رام کي نند ۽ يشوڌا يا دسرٿ ۽ ڪوشليا جي نظر سان نهارڻ ۾ سمايل آهي. يعني پگتيءَ جي ان روپ ۾ مکيہ اَحساس ماتا پتا جو ٻار لاءِ پيار آهي. ميران ٻائيءَ ٻڌ والسليہ وارو ڍنگ اَپنايو آهي پر اهو گهڻن هنڌ نئون ملي. ان وشيہ تي سورداس جي ڪوتائن جي ڀيٽ ۾ ميران ٻائيءَ جون اَهڙيون رچنائون تمام گهٽ آهن، جن ۾ يشوڌا جي انهن گيتن جو بيان ڪيو ويو آهي جي هوءَ اَسر جو نند ۽ سمهيل ٻالڪ کي جاڳائڻ لاءِ ڳائيندي هئي.

داسيہ ۾ پگت ٻاڻ کي پنهنجي پرڀوءَ جو داس ڪري ٿو

---

(۱) جي. اين. فرڪهار "اِن آئوٽلائين آف ريليجس لٽريچر آف اِنڊيا" (لنڊن ۱۹۲۰) ص ۲۳۰

سمجهي. هو پنهنجن پاڻن ۾ ڪوتاهين کي پڌرو ڪري پنهنجي پرميشور کي ان لاءِ ڪميا ڪرڻ ۽ هن دنيا جي بندڻن کان مڪت ڪرڻ لاءِ پرارٿنا ڪري ٿو. ميران بائيءَ پڻ پنهنجن ڪوتائن ۾ داسيہ پاڻ جو اظهار ڪيو آهي، خاص طور انهن ڪوتائن ۾ جن ۾ پريوءَ کي ميڙ منٽ ۽ ليزاري ڪئي ويئي آهي. خود انهن ڪوتائن، جن ۾ مرڪزي خيال پيار جي ميلاپ واري جذبي سان پريل آهي، ميران بائي ڪڏهن به پنهنجي پريتم جي ايشوري سروپ کي نٿي وساري ۽ پنهنجو پد اهو چئي سماپت ٿي ڪري ته ميران جو پريو ته گردر ناگر آهي ۽ هوءَ سدا هن جي چرڻن جي پوجارڻ آهي.

جيتوڻيڪ اِها حقيقت آهي ته تلسي داس جي برعڪس ميران بائيءَ جي پڳٽيءَ جو اَهم روپ داسيہ پاڻ نہ آهي. ميران جي گيتن ۾ سکيہ ۽ ماڌوريہ پاڻ ئي سمايل آهن. ٻن ساٿين وچ۾ برابري ۽ هڪجهڙائيءَ جو جيڪو اَحساس رهي ٿو اهو سکيہ پاڻ ۾ ملي ٿو. ماڌوريہ، جنهن کي پڳٽيءَ جو اُتر روپ ڪري ڪيو وڃي ٿو، اُن ۾ پرش ۽ ناريءَ وچ۾ پيار جي هر ڏک سک جو ورڻن آهي. ميران بائيءَ جي پڳٽي مکيہ طور ماڌوريہ پاڻ سان پريل آهي، جنهن ۾ هوءَ پاڻ کي ڪرشن جي پتني، پريتما ۽ سکي ڪري ٿي سمجهي. هن جي اَحساسن ۾ اها بلندي، گهرائي ۽ ليتا اچي وڃي ٿي جي گوپين وت ڪرشن لاءِ آهن. اِنڪري هن جي اڪثر ڪوتائن ۾ اَهڙي ٿي پريم جو ذڪر آهي.

ميران بائيءَ بنيادي طور پريم جو ٿي پٽ اَپنايو ۽ سچي شرڌالوءَ جي سنجم جو پالن ڪيو. پاڳوت پراڻ پٽاندڙ اها پڳٽي نون پرڪارن جي آهي، جي هن ريت ڏيکاريل آهن.

۱. شروڻ:- پنهنجي سواميءَ جي اُستتي ۽ ساراه ڪرڻ.

ميران ٻائي ان جي سر انجامي ڪرڻ کان ساڻن ۽ پنهنجي اشت ڪرشن جي پوچارين جي سنگ ۾ رهي ۽ آگٽي هلي انهن استانن جي ياترا ڪئي جي ڪرشن سان جڙيل هئا ۽ جتي ڪرشن پگٽيءَ جو ڪارہ لڳاتار جاري هئو.

۲. ڪيرتن :- پنهنجي سوامیءَ جي مهما ڳائڻ. ميران جا پد ڪرشن جي مهما سان پرپور آهن. هوءَ ور ور چوي ٿي:

"آمان! مان نہ رڳو گوولد جا ئي گڻ ڳائيندیس."

۳. سمرڻ :- سارڻ ۽ سنيارڻ. ميران ٻائيءَ جي آڪثر پدن ۾ پنهنجي پريتم ڪرشن جي ياد جو ڪوڙو منو آنند سمايل آهي. مثال طور:

"سکي ڙي ڪيڏو هري ڪنور
چٽي اچڻ لڳ اچا نہ آيو، وچن نہ هن پاڙيو
کاڏو پيتو ستہ بڏ وسري، ڪٽن مون وقت گذاريو
وچن ڏئي، خود پاڻ وساريين، تون نہ نہ آهين آهڙو
ميران جو پرپو گردر ناگر - تو بن جيڻ کهڙو؟"

۴. پاد سيوڻ :- سوامیءَ جي چرڻن جي شيوا. ميران ٻائي اهو ڪڏهن بہ پلائي نٿي سگهي تہ سندس سوامي ڪرشن پگوان هئو. انهيءَ ئي ڪارڻ گردر جي چرڻ ڪمل جي شيوا کي گهري معنيٰ آهي. هوءَ پنهنجيءَ کوتا ۾ پلي کهڙي بہ پاڻ جو اظهار ڪري، پر هوءَ ان کي ائين چٽي سماپت ڪري ٿي:

"ميران جو پرپو گردر ناگر
مان چرڻ ڪمل جي داسي ڙي."

۵. آرچنا ۽ ۶. وندنا :- ٻاهرينءَ پوچا پاڻ جهڙوڪ پگوان جي مورتيءَ جي پوچا پرڪشنا بابت آهن. ميران ٻائيءَ جي

کيس نديڀ ۾ ملهل موڙيءَ سان آئي موهه ٻابت هوڪنهن کي جاڻ هئي. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته پڳٽيءَ جي ان ليم سان هوءَ سڄي عمر نباهيندي آئي.

۷. داسيه :- داسيه پاڻ ميران بائيءَ ۾ پوڙان پاڻ نه هئو. ان هوندي به هن ان کي اُپارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هن ان جو دل کي ڇهندڙ لفظن ۾ ورڻن ڪيو آهي :

"مونکي پنهنجي دز جي داسي رک گرڌاري
چاڪر رهندي باغ لڳايان، اُٺندي درشن پايان
برندابن جي ڪنج گلين ۾ تنهنجي مهما گايان
ڪندي چاڪري درشن تنهنجو هردم ٿيندو رهندو
تنهنجو ئي سمرڻ منهنجي لاءِ وڏو اُجورو ٿيندو
پاءِ پڳٽ جاگيري پايان سک ٿنهي مان ملندو."

۸. سکيه :- متولا جو جذبو. جڏن اڳ-۾ ٻڌايو ويو آهي ميران بائيءَ جي پڳٽيءَ ۾ ڪرشن کي پنهنجي برابريءَ واري رشتي ئي سمجهيو ويو آهي ۽ اها گهرائپ هن سان پڪدا ٿيل موهه ڪارڻ ئي آهي.

۹. آتم نويدن :- پنهنجن اُمنگن جو اظهار. پنهنجن سيني پدن ۾ ميران بائيءَ ڪرشن اڳيان پنهنجن جذبن ۽ پنهنجي دل جي حالت بيان ڪئي آهي. هن جي پدن ۾ هن جي خوشين، دکن ۽ پڳٽيءَ جو سنگون سڌو، سليس ۽ سهج اظهار آهي.

ميران بائيءَ پڳٽيءَ سان واسطو رکندڙ ٻيا اُپاءَ پڻ ڪيا جن اَنوسار پنهنجي سواميءَ کي ئي فقط ستيه سمجهيو ويو ٿي، بين سڀني کان اَول سمجهيو ويو ٿي ۽ ساڌو سنتن جو سنگ پڻ لازمي هئو. اَهڙيءَ طرح هن جي هلت چلت، جا سماجڪ مريادا کان بلڪل آزاد هئي ۽ ڪنهن حد تائين هن جي

ڪنڊب لاءِ بدنامي۽ جو ڪارڻ هن جي ڀڳتي۽ سان پوري۽ ريت ميل کائيندڙ هڻي ۽ هن فقط ڀڳتي۽ جو مارگ اپنايو. هن جانو ٿي نہ هوءَ سڀ رينهون رسمون ٽوڙي رهي آهي پر هوءَ پنهنجي۽ ڀڳتي۽ ۾ لين رهي ۽ ان جي ڪا به پرواه نہ ڪئي.

۲

جڏهن ميران ٻائي۽ ڳايو:

"ميري تو گردر گوپال
دوسرو نہ ڪوئي ..."

تہ هن ڀڳوان جي تصور کي فقط گايون چاريندڙ ۽ گوورڌن پربت چيڇ ئي جهليندڙ ڪرشن تائين ئي محدود نہ رکيو. اهو سچ آهي تہ ايشور جي سڀني سروپن ۾ بعد جو سانورو سجان، برج واسي هن کي سڀني کان وڌيڪ پيارو هڻو. هي ڪرشن جمنا ڪناري گايون چارڻ ويندو هڻو، مرلي وڄائيندو هڻو، گوپين سان راس رچائيندو هڻو. هن جي اڪثر گيتن ۾ ان ئي ڪرشن جا ڳڻ ڳائل آهن جو پريتم به آهي تہ پتي به.

ٻيو روپ جوڳي۽ يا سنياسي۽ جو آهي، جنهن گهر بار تياڳي گيڙو ويس ڪيو آهي. ميران ٻائي پاڻ به هن جي تلاش ۾ جوڳ ڀڻجي ويڻي آهي. جوڳي۽ سان پريت لڳائڻ ۾ ڏک ئي ڏک آهن:

"جوڳيڙن سان پريت ڪندين دک پائيندين
جوڳي ڪنهن جو پريتم ناهي سڪي سچ چوان۽
پريت ڪندين۽ جي پڇتائيندين۽ پوءِ نہ ڏوهہ ڏجان۽."

ممكن آهي تہ ميران کي اهو ويچار نانڪ پنٿ منجهان ملیو هجي، جن جي پوٽلڳن ايشور کي جوگيءَ جي روپ ۾ ڏٺو ٿي. (١)

ڪن ڪوٽائن ۾ وشنوءَ کي پرماتما ڪري ورڻن ڪيو ويو آهي. انهن ۾ وشنو پنهنجي مڇيل گڻن سان اڇي ٿو، يعني آنتريامي، سرو شڪتيوان، پنهنجن پگٽن جو پرتپال ۽ ڪين هر آپدا کان بچائڻ وارو. هن نوع جي ڪوٽائن ۾ ميران بائيءَ بيحد دينتا ۽ آشا ڏيکاري آهي ڇو جو هن ٿي دروپديءَ جي لاج رکي ڪيس نگو ٿيڻ کان بچايو، هاٿيءَ کي واگهوءَ جي واٽ مان آزاد ڪيو ۽ پرهلاد کي پنهنجي پاپي پيءُ کان بچايو. هن کي اها پڻ پوري ڄاڻ آهي تہ ڪرشن انساني جامي ۾ سچ پچ وشنوءَ جو ئي اوتار آهي ۽ ڪير بہ ڪرشن جي ليلا ۾ پنيلجي نہ وڃي.

"منهنجي ڪرشن ٻئور ٻڌجي
جگ کي موهيو آهي."

ڪٿي ڪٿي ميران بائيءَ جو ايشور ڪبير ۽ نانڪ جي ايشور جيان آمورت، نرآڪار ۽ نرگڻ بڌجي ٿو پوي. هو اسرار پريو آهي، ويجهو هوندي بہ پري آهي. هي اهو پريتم آهي جنهن تائين رسائي ممڪن نہ آهي ڇو جو هو آڪاس ۾ ئي وسي ٿو. هوءَ چوي ٿي:

"گگن منڈل ۾ سيج پرينءَ جي
ملڻ ڪٿي ڪٽن ممڪن؟"

---

(١) شري ڪرشن لال - ميران بائي (الله آباد ١٩٣٩) ص ١٢٩

پنهنجن کن پدن ۾ ميران بائيءَ رام جو ڀڳ نالو آندو آهي ۽ ظاهر آهي ته ان مان سندس مراد تلسي داس جو پڳوان رامائڻ جو نائڪ نه آهي ۽ اهو ڪرشن جي بدران ڪي ٻو اڇي. هن لاءِ وشنوءَ جي ٻنهي اوتارن ۾ ڪو بنيادي فرق نه آهي.

ميران ٻائيءَ جا گيت

ميران ٻائيءَ جي ڪوٽائن جي وشين جو ڏاڙو ايترو وسيع نہ آهي. انهن ۾ فقط ذاتي اُمنگن جو اظهار آهي جي پورڻ ريت ڪرشن کي ئي اَرپڻ ٿيل آهن. هن جي ڪوٽائن مان اهو اَندازو لڳائڻ مشڪل آهي تہ هوءَ ڪا سياسي وڳوڙن ۽ گهرو سازشن واري دؤر ۾ رهي هئي. هن ڪبير جيان پنهنجين ڪوٽائن ۾ ڏرمي ريتين رسمن متان جلهہ نہ ڪئي آهي ۽ نہ ئي تلسي داس جيان هن پنهنجي پگهوان جو هڪ وڏو آدرشي آڪار چٽيو آهي. هن پاڻ کي رڳو هڪ پوجارڻ ڪري پانيو ٿي جا پوريءَ ريت پنهنجي ڪرشن ۾ لين هئي. اِنڪري ٿي هن اِنسانن جا نہ پر پنهنجا ئي اُمنگ ڳاتا آهن. اِنسانن بابت آيل ڪوبہ ذڪر رڳو هن جي آئيت شردا ۽ پگهٽيءَ جي حوالي ۾ آهي. مثال طور اهي ڪوٽائون جن ۾ هوءَ راڌي طرفان هن کي مارائڻ جي ڪوشش جو ذڪر ٿي ڪري، اتي هوءَ سچ پچ اهو ٻڌائڻ ٿي چاهي تہ ڪرشن مٿس ڪيترو نہ مهربان ۽ پال پلائيندڙ آهي.

ميران ٻائيءَ جا گيت بن پاڳن ۾ ورهائي سگهجن ٿا :

۱. وينتي ۽ پرارٿنا جا گيت.

۲. پريم ۽ ان جي آزمودي وارا گيت.

پهرئين حصي ۾ آيل گيتن جو تعداد تمام ٿورو آهي. انهن گيتن جي رچنا وقت ميران ٻائيءَ پگهٽ ڪوين واري روايت قائم رکندي، پاڻ کي لاچار، بي سهاري ۽ پاپڻ مچي ڪرشن اَڳيان منٽ ڪئي آهي تہ هو هن جي اوڻاين ڏانهن نہ ڏسي

هن جو اڇي اڏار ڪري. پڳٽ ڪوين ٻاڄ کي گولن جو ٻ گولو ڪري سمجهيو آهي جڏن سندن اڏار ڪرڻ سان ايشور جي ديا وڏيڪ پرسڌ ٿئي. ميران ٻائيءَ ٻڌ پنهنجين ڪوٽائن ۾ مناسب نماڻائي قائم رکي آهي. هوءَ پنهنجي گرڌر ناگر (ڪرشن لاءِ هن جو دل گهريو نانءُ) جي داسي آهي ۽ هن جي چرن ڪمل ۾ سنتوش حاصل ڪري ٿي. ڪٿي ڪٿي داسيءَ پاڻ وارين ڪوٽائن ۾ هوءَ تلسي داس ۽ سورداس جي ڪوٽائن جي تمام ويجهو اڇي ٿي وڃي-

"رام نام جي رس جو پيالو پيءُ
اي دل-
وڪارن کان ٻاڄ بچائي، سنتن جي سنگ ۾ ويهي
هروقت هريءَ جا گڻ گاءِ
پنهنجن ويچارن مان
ڪام، ڪروڌ، اهنڪار، لوڀ ۽ سوارٿ کي
ڪڍي باهر ڪر
ميران جو پريو ٿ گرڌر ناگر آ
هوءَ ٿ ان جي ٿي رنگ ۾ رتل آهي."

حقيقت ۾ آڻي نيزاريءَ وارن انهن پدن ۾ هن جي اندر واري سچي پڳٽ جي پڳٽيءَ جي ٻي منزل اڃاگر ٿئي ٿي. شروعاتي دؤر وارين ڪوٽائن ۾ ڪٿي ڪٿي هن دنيا خواه وڃاتا جي رنگ ڍنگ ڏانهن ناراضپي جو اشاري ۾ ذڪر ڪيو آهي.

"وڃاتا جا ٻ عجيب رنگ ڍنگ آهن
مورک راج گدي ماڻي رهيا آهن
۽ عقلمند ڏڻڻل آهن
کارو سمنڊ ندين جي مٺي جل کي پوشت ڪري رهيو آهي."

هن جي ذاتي زندگيءَ جي حوالي ۾ اُهڙا ڀاڪ سياهيءَ آهن جو هوءَ نديءَ عمر ۾ ئي وڏوا ٻڌجي ويئي، هن پنهنجن ساهون هٿان طرح طرح جون تڪليفون سنيون ۽ آخرڪار ڪيس جلاوطنيءَ ۾ ئي گهارڻو پيو. پر هن پاڻ کي حالتن سان ٺهڪائي ڇڏيو ۽ ڪوشش جي پوڄا ۾ ئي سڪ پاتو. ان ڪانپوءِ ئي هن جي پگهتي پڪي پختي ٿي ويئي ۽ هن جو وشواس جمي ويو ته خود جنم مرڻ جو چڪر به ان کي ناس نه ڪري سگهندو. ظاهر آهي ته هن جي شروعاتي بغاوت ٽياڳ ۾ بدلجي ويئي ۽ هن جي پگهتيءَ پويان جو روپ ورتو.

هن جي پويان گيتن جي شاعراڻي جذبي مان اهو ظاهر آهي ته ميران ٻائي پنهنجن آزادنا وارن گيتن ۾ فقط اُن وقت جي پوچلت داسيءَ پاڻ واريءَ روايت کي اپنائي رهي هئي. انهن گيتن ۾ اَصليت عدم پڌدا آهي. هن پنهنجي پويءَ جي واکاڻ ۾ اُن وقت جا هالو چالو جملا ڪتب آندا آهن ۽ حالتن جو بيان ڏهرايو آهي.

ميران ٻائيءَ جتي جتي ڪوشن پويم جا گيت ڳايا آهن اُتي هوءَ پنهنجي شاعراڻي عروج تي آهي. اُهڙين ڪوتائون ميران ٻائيءَ جي رچنائن جو بهترين حصو آهن. هن جو پويم پن پن روپن ۾ اُجاگر ٿيو آهي: ڪشش، اُميد، اِڇا، نراسائي، حسد، ڪوڙ ۽ ميلاپ جو آنند. اِهي ڪوتائون ڪنهن سلسليوار ڏکر جي پڌدائش نه آهن پر ڪنهن خاص پل جي اُمنگن جو اظهار آهن. سويرڪ بدران آلمڪ سطح تي ماڻيل هن پويم ۾ آتما جي پوماتما سان لين ٿيڻ جي پوئل اِڇا ظاهر ڪيل آهي، جنهن ۾ دائمي آرام ملي ٿو.

ڪن گيتن ۾ ميران ٻائيءَ اِهو وشواس ڏيکاريو آهي ته هن جو پويم جنم جنمانتر کان هر يگ ۾ هلندو پيو اچي.

"راڻا- مان نہ گوڏر وت ويندیس
گوڏر سان ئي منهنجي سچي پريت آهي
مونکي هن جي سندرتا موهي ڇڏيو آهي.
آسانجي پريت پراڻي آهي،
هن بنا مان پل ۾ گهاري نہ سگهندیس.
آسانجي پريت پورب جنم جي آهي.
هاڻي اها ڇڄي نہ سگهندي.
چا ٿيو جي آسانجو وياه سپني ۾ ٿيو آهي.
آمان- مونسان نہ ديناناٿ سپني ۾ وياه رچيو هٿو."

جتي جتي ميران ٻائي ٻاڻ کي گوپي ڪري سمجهي ٿي آئي هوءَ اُن سندريءَ جي آمنگن جو اظهار ڪري ٿي جيڪا ڪنهن جي پريم ۾ بڌجي ويئي آهي. هوءَ گوپي بڌجي برندابن جي گليين ۾ ڪير ۽ ڏهي وڪڻي آئي آهي. آئي هوءَ ڪرشن سان گڏجي ٿي ۽ پوريءَ طرح هن جي جادوئي اثر هيٺ اچي ويئي آهي.

"هن کان ڏهيءَ جو نالو نہ وسري ويو.
۽ هن هوکو ڏنو:
'کو اچي مونکان منهنجو سلوڻو شيام وٺي'
برندابن جي ڪنج گليين ۾
چٽ چور کيس چويو ڪري ڇڏيو هٿو."

ڪرشن سانورو ڇيلو ۽ موهيندڙ آهي. مور مڪٽ هن جي پيشانيءَ کي ٿهائين زيبائتو بڻائي ڇڏيو آهي. هن جا ڪنڊل چمڪي رهيا آهن ۽ ڪارن وارن جون ڇڳون هن جي گال تي پکڙجي ويون آهن. هوءَ چوڻ کان رهي نٿي سگهي:

"ڪرشن - مان هرهنڌ تنهنجو پيڇو ڪري رهي آهيان.
برندابن جي ڪنج گليون ۾
تو منهنجي ٻانهن پڪڑي ورڻي
سڄو مڪ ڪائي -
منهنجي منڪي ۾ ٿوڙي ڇڏيئه.
سانوري صورت موهني مورت وارو
ميران جو پريو ته گردر ئي آهي
جو ئي هن جي جنم جنم جو ساڻي آهي."

ڪن ڪن هنڌ هن جو رد عمل وري نرالو آهي. هوءَ ڪرشن کي ايندو ڏسندي ئي لڇ کان لڪي ٿي وڃي.

"گردر منهنجيءَ گليءَ طرف اچي رهيو آهي
مان ته لڇ کان ٻاڪ لڪائيندي ٿي وتان."

يا

مولي‌ءَ جي ڏن ٻڌندي ٿي
منهنجا اوسان خطا ٿي ٿا وڃن
سڄو سريرُ ڏڪڻ ٿو لڳيم."

ميران ٻائي ساڳئي ٿي وشيه ٿي ڳائيندي ڏسجي ٿي.
مثال طور:

"هنيلو نند ڪمار منهنجي من ۾ ٿو وسي."

۽

"جڏهن سانورو نند ڪمار منهنجين اکين اڳيان آهي
تڏهن مون لوڪ لڄا لاهي ڇڏي
۽ بانوري بڻجي ويس."

۽

منهنجين اکين کي
سانوري صورت ٻسڻ جي

عادت ٻڌجي ويئي آهي.
هن جي سندر ڇهي
منهنجي من ۾ ٻيهجي ويئي آهي.
پنهنجيءَ چائٽ ٿي ٻيني ٻيني
مان هن جي اچڻ جو انتظار ڪري رهي آهيان."

۽

مون ڪنول جهڙي شيام کي
پنهنجن نيٽن ۾ سمائي ڇڏيو آهي."
ميران ٻائيءَ جي شيام سان ملڻ جي تمنا ۾ ايتري ٿي زوردار آهي. هوءَ ۾ سياويڪ انساني اُمنگن کان متاثر ٿئي ٿي. جيتوڻيڪ هوءَ پوريءَ ريت شيام کي پاڻ اَرپڻ ڪري چڪي آهي ته ۾ هوءَ ڪٿي ڪٿي حسد جو شڪار ٿئي ٿي.

"شيام مونکان ته منهن موڙي ڇڏيو آهي
۽ ٻين سان راسيون رچائي رهيو آهي."

...

هو منهنجيءَ ڳلي ۾ ته ڪڍهن ۾ ٿو اچي
۽ هن جي اَگڻ ۾ ڦيرا پائي رهيو آهي.
شيام منهنجي ته آگر ۾ ٿو ڀڪڙي
۽ مستيءَ ۾ هن جي ٻانهن موڙي رهيو آهي."

۽ وري هوءَ هيناهين ٿي وڃي ۽ وينتي ڪري ٿي:

"هري، هڪ پل لاءِ مهر ڪري مونڊاهن ۾ ڏس."

ڪٽي ڪٽي هوءَ اُچرج ظاهر ٿي ڪري.

"گوڊر مونکان رسي ڇو وڃو آ؟"

ٻوليءَ ۾ پڳٽ ۽ ٻولٽر ٻڌڻ وڇڻ ميلاپ ۽ وڇوڙي جو تصور ٻنهه خيالي آهي. ان هوندي ب- وڇوڙي جو درد حقيقي

آهي جيڪو ميران ٻائيءَ پڻيءَ خواه ساڻس ۽ پگهٽ طور ظاهر ڪيو آهي. پريتما جڏهن اهڙا سندرتا پسي آهي ۽ ميلاپ جو مزو ماڻيو آهي تہ ڪيس لڳو آهي تہ ان خوشيءَ گهٽو وقت جٽاءُ نہ ڪيو آهي. ڪرشن هن کي چڏي ويو آهي، اِنڪري هوءَ دک، نراسائيءَ ۽ خواهش وچ گهيرجي ويئي آهي ۽ هوءَ وار وار ڪرشن کي واپس ورڻ لاءِ نيزاريون ڪري رهي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ هن جي اچڻ جي آهٽ ٻڌي رهي آهي. هوءَ پنهنجي گهر جي چٽ ڏانهن ڊوڙي ٿي وڃي ۽ رستي ۾ اکيون ڪپائي ٿي چڏي. هوءَ پنهنجين سکين کي سواگتي گيت ڳائڻ لاءِ ٿي چوي پر هر پيري هو پنهنجو وچن وساري ٿو چڏي. وري هوءَ اُهڙي چنچل سياءِ واري سان پريم ڪرڻ تي افسوس ٿي کائي ۽ پنهنجي ڪمزوريءَ لاءِ پاڻ کي ئي ڏوهہ ٿي ڏئي. ڪئين پيرا سندس سکيون هن جي ٻين اِستورين سان رنگ رلين باري ۾ وڻس چغليون ٿيون هڻن. هوءَ ٻيلي ۽ ساڻي ٿيندي ٿي وڃي ۽ ڪوبہ ويچ هن جو روڳ پڇاڻي نٿو سگهي.

"ميران جي دک جو دارون تہ هن سانوري سڄڻ وٽ آهي."

هر رت ۽ ڏڻ وار جو پاڻ سان خوشيون ڪٽي ايندو آهي، هيئڙ هن جي اڪيلائيءَ کي وڌائي ٿو چڏي. هن وشيہ تي ميران ٻائيءَ پنهنجن گيتن ۾ بدلجندڙ رلين جو ورڻن ڪيو آهي. ورهہ جو دک رلين جي بدل سدل مطابق وڌندو يا گهٽجندو ٿو رهي. هن جون ڪوتائون چٽو ڪن ٿيون تہ ساوڻ جي رت اڪيلي گهاڻ ڪيترو نہ مشڪل آهي جو هن جي چوڌاري سڀ پريمي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي رهيا آهن. ڪارن ڪڪرن کي مڙندو ڏسي، مور بہ چوڄ مان نچڻ ٿو لڳي. چانڪ جي آج بہ بچهڙ ٿي لڳي. سڪل نوڪ ڏرلي

سڄي آلي ٿي ويئي آهي رڳو ورهه جي ماريل پنهنجي اولاهي ڪوري ۾ اوسيڙو ڪري رهي آهي.

اڪيلي ناريءَ کي ڪڍهن وچ ۾ آندي ڏکائي رهيون آهن. ڪڍهن هن جي من ۾ پريم جا اُمنگ جاڳائي رهيون آهن. هوءَ اوسيڙي ۾ وينی آهي پر شايد هن جو پريتم ڪڍهن به موٽي نه ايندو.

میران بائيءَ کي ڪرشن کي اَرپت ڪيل گيتن جي وڏي پرمپرا ورثي ۾ ملي. ان پرمپرا جو باني ليرهينءَ صديءَ جو ڪوي جئديو هڪو جنهن سنسڪرت ۾ ڪوتائون رچيون. هن کالپوءِ مٿلي ڪوي ودياپتيءَ، گجراتي ڪوي نرسي ۽ بينگالي ڪوي چنڊي داس جئديو جي گيت گووند کي پنهنجن گيتن جو آڌار بڻائي هن جي پوئلڳي ڪئي. سورداس ڪرشن بابت سوين سندر گيت رچيا جي سؤر ساگر ۾ ڪنا ڪيل آهن. اِنڪري میران لاءِ اِهو سپاويڪ هڪو نه هوءَ هلندڙ ساهتڪ پرمپرا کي اَپنائي ۽ اڳ جاري رکي. هن جي رچناءَ ڪٿي نئين گيتن سان خاص طور ٺهڪندڙ هڻي، جن ۾ تمام گهرا اَحساس سمائي سگهجن ٿا. هن جي گيتون ٿي گيتن ۾ هڪ خاص اَوستا جو بيان يا اظهار ٿيل آهي يا ڪنهن گهري اَحساس جو اَنپڙ آهي.

میران بائيءَ جي ڪوتائن جي خاص خوبي ان جي وشين جي مـواد ۾ سمايل آهي جنهن کي هن پنهنجي ذاتي اَنڀوَ سان وڌيڪ گهرو بـڻايو آهي. اهو خاص طور هن جي ورهه گيتن ۾ وڌيڪ چڱو ٿي ٿو ٻيهي جي سروويابي خوبين سان ٽمٽار آهن ۽ جتي اُمنگن جو ڦهلاءُ اُداسيءَ کان بي پناهه پيڙا تائين ٽيندو ٿو رهي.

میران بائيءَ جئديو ۽ ودياپتيءَ جيان پنهنجن گيتن جي رچنا ساهتيڪ درشٽيءَ کان نه ڪئي. خود سورداس، جو

ميران ٻائيءَ جيان بنيادي طور پڪ ٿي هئو، ڪيترا ساهتيڪ طور طريقا استعمال ڪيا آهن. سورداس جو لڳ ڀڳ هر پد مقرر چند ۽ مارُوا ٿي بدل آهي. ميران ٻائيءَ جي گيتن جي ساهتيڪ وصف ويابڪ آهي ۽ اِها (رس) جماليائي حظ (گيان ۽ سوڀيا) کي اينگهايل ۽ ٽڪائيندڙ عبارت يا شاعراڻي چتوائي ۽ حرفت بازيءَ سان جهڪو نٽي ڪري. سهج سياوڪتا ۽ ڀرپور مناس ڪانسواءِ ميران ٻائيءَ جا گيت منظرڪشيءَ جو نادر نمونو آهن. هن رنگين ۽ رسيلن چترن چٽڻ لي خاص ڏيان ڏنو آهي. مثال طور ڪرشن ۽ ساوڻ جو بيان ڪندي هوءَ چوي ٿي:

"ڄڏهن سانورو نند ڪمار منهنجي سامهون آيو
مونکان اڳ جو ڊپ ڊاڻ لهي ويو
منهنجي مٽ ٿي ماڻجي ويئي.
مور مڪٽ هن جي مڪ جي سوڀيا وڌائي ڇڏي هئي
ڪيسري رنگ اڪين کي ڏاڍو وڻي رهيو هئو
هن جا ڪنڊل چمڪي رهيا هئا
۽ وارن جون ڇڳون هن جي ڳلن ٽي ٻڪڙجي رهيون هيون
۽
او سانورا آڄ ڪ مون لاءِ وڏو ڏڻ آهي
رنگبرنگي بادلن وچ بجلي چمڪاٽ ڪري رهي آهي.
گهاٽا ڪڪر مڙي آيا آهن
مور، چاڪ ۽ ڏيڏر پنهنجيون پنهنجيون بوليون
بولي رهيا آهن
ڪوئل به ڪوڪ ڪري رهي آ
ميران چئي ٿي: اي گردر ناگر
مان ڪ ڪنهنجن چوڻن ۾ سيس نوائيندس."

گيت ۾ اَکثر هڪ مٿان ٻيو چتر پيش ڪري ، ان کي وڌيڪ اُڀرائتو بڻايو ويو آهي . مثال طور :

"اَڙي مان ته دک کان ٻاڌل ٿي ويڻي آهيان
۽ ڪير به ان کي سمجهي نٿو سگهي .
گهاڻ جي گت ته گهاڻ ٿي جاڻي سگهندو
هو ٿي ان جي پيڙا کي پرکيندو
هيري جي کٽ ته جوهري ٿي ڪري سگهندو
۽ نه اهو جنهن وڃايو آهي .
دک کان وياکل ٿي مان هرهنڌ پڪي رهي آهيان
هر ڪو ويچ ٿي نٿو ملي .
ميران جو دک نوارڻ وارو
ته بس هڪ سائورو سڄڻ ٿي آهي ."

اَلنکار ، خاص طور استعارا ۽ اُپمائون ميران جي ٻڌن ۾ سهج سپاڻ اڇي ويا آهن. هن کي اهي سڀ پنهنجي چوڌاري ڦهليل پرکوٽيءَ وڻان ٿي مليا آهن . گهٽو ٽٽو هالو چالو جملا استعمال ٿيندي به اِهي گهريل حوالن ۾ ڪافي ٽهڪي آيا آهن ۽ انهن ۾ نواڻ سان گڏ گهرائي پيدا ٿي ويڻي آهي . مثال طور :

"پريتم اَڄ ۽ مونکي پنهنجي صورت پسڻ ڏي .
تو بن جيئڻ ائين آهي
جڻ پاڻيءَ کانسواه ڪمل
چند بنا راڌا
تو سواه منهنجي جيون جل ڏارا جيان وهي رهي آهي .

يا

"وڇوڙي جي سپ منهنجي سرير کي ڏنگ هنيا آهن

ڏهر جون لهرون لهي چڙهي رهيون آهن
مون لاءِ ڪا ٽڪي آ.“

يا

“ڳوڙهن جو پاڻي ڏيئي
پوکي آئم پريم جي ول.“

شاعراڻي صنف

جڏهن ۽ وڊيائتي۽ ۾ رڳو- ڪوشن پوئر جي ڪوٽائن جو آملهه ورڻو چڏيو پو هن هڪ مڪمل شاعراڻي صنف ، پد ، کي پٽ مالامال ڪيو. سنگيت پد ساهتيه جو هڪ اهم جزو ٿي پئي رهيو آهي. ميران ٻائي۽ جي ڪوٽائن ۾ پٽ پد صنف ڪم آندل آهي. وچين دؤر جي ڀڳتي رس واري گائڪي۽ جو پد ئي سڀ کان وڌيڪ پرچلت نمونو هٿو. هندي ٻڌ پراچين سڌ ڪوين جي چاريه پدن سان ڪافي ملندڙ جلندڙ هڪا- بيٺي گايا ويندا هٿا ۽ انهن جي منڌ ۾ راڳڻي۽ جو نالو ڏنو ويندو هٿو. چاريه پد جي هڪ ٻي وصف اها ۾ هٿي ته ڪوٽا جي پوين ٻن سٽن ۾ ڪوي۽ جو نالو ڏنل هوندو هٿو. اهو رواج آسانڪي هندي۽ ۾ نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر سڪمار سين چاريه پد ٻابت جيڪي چيو آهي اهو هندي پدن سان پٽ لاڳو آهي :

"چاريه گيتن ۾ جڏهن وارو يونگ آيائيو ويو آهي. مٿان مٿان راڳ جو نالو ڏنو ويو آهي ۽ ڪوي۽ جو نالو گهڻو ڪري پوئين بيت ۾ اچي ٿو. ٻيون بيت استائي۽ (ٽل) طور ڏهرايو ويندو آهي. گيت ۾ گهڻو ڪري ڏهه انترا هوندا آهن ۽ رڳو ٽن گيتن ۾ چوڏهن انترا آهن. چند ۽ دوها مانواڻن ٿي بدل آهن. چند وزن جا فقط ٻه نمونا آهن. انهن جو ڪچل حصو پنڌرهن (يا سورهن) مانواڻن جي مصراعن ۾ جوڙيل

آهي ۽ اُنين ماڻرا ڪانپوءِ ورام يا ويساهي آهي.(۱)

پد جي پهرينءَ سٽ کي 'ٽيڪ' سڏجي ٿو جنهن ۾ همينئه پد جو مرڪزي خيال ظاهر ڪيو وڃي ٿو. بئي حصي کي انترو چئجي ٿو جنهن ۾ خيال کي ڇڏو ڪيو وڃي ٿو ۽ ان کي استائيءَ وانگر ڏهرايو پئي وڃي ٿو. ميران بائيءَ جي پدن ۾ ٽيڪ جون ماڻرائون ٻارهن ڪان ٻيڻويهن ڏاڪين آهن. جيتوڻيڪ هن پدن جو پوچلت نمونو اُپايو نہ به هن هوريرو پابنديءَ سان مقرر قانونن موجب پنهنجن گيتن جي رچنا نہ ڪئي پر گهوڻ آهر ئي انهن جو استعمال ڪيو.

جڏن ڪ سنگيت ميران بائيءَ جي پدن جو اَهم جزو هجو اِنڪري انهن سيني جي رچنا خاص راڳڻين ۾ ڳائڻ مطابق ٿي ڪئي ويئي آهي. هن جي پدن ۾ لڳ- پڳ ستر راڳڻيون موجود آهن. هرهڪ راڳڻيءَ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن رس کي نشانيءَ طور آندو ويو آهي يا اُن کي اُپارڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. راڳ- پيلو ميران بائيءَ جي دلپسند راڳڻي نظر اچي ٿي ۽ اها تعجب جي ڳالهه نہ آهي چو جو ان ۾ پيڙا ۽ بي چئينيءَ جو زوردار احساس آهي. ٻين ذکر هيٺ آيل راڳڻين مان سارنگ، ديس، سورٺ، همير، هولي، وهاڳ-، بلاول، ڪاڙو، درباري، پُروي، مالڪونس، رامڪلي، پاڳيشوري ۽ پيم پلاسي آهن.(۲)

---

(۱) سڪمار سين: هسٽري آف بينگالي لٽريچر (ساهتيه اڪادمي ۱۹۶۰) ص ۲۸

(۲) مولينڊر سريواستوا (ميرا درشن الله آباد ۱۹۶۴) ص ۹۲

ميران بائيءَ جي ڪوٽائن جي پاسا

ميران بائيءَ جو جنم ميڙتا ۾ ٿيو ۽ شاديءَ کان پوءِ هن ڪجهه عرصو ميواڙ ۾ گذاريو. هوءَ اڃ ۾ رهي ۽ هن جو موٽيو دوارڪا ۾ ٿيو. انڪري هن کي ٻن ٻرانڊ ٻولين ماڙواڙي، گجراتي ۽ اڃ پاسا جو گيان حاصل ٿيو. آن وقت آڳر پارس جي ساهتيڪ پاسا اڃ پاسا هئي جا ڪرشن ساهتيہ جي رچنا لاءِ پرڀ ڪتب ايندي هئي. ميران بائيءَ جي ڪوٽائن ۾ آسانڪي اڃ پاسا ۽ ماڙواڙيءَ جو سنگم ملي ٿو جيتوڀيڪ هن جو لاڙو اڃ پاسا جي ٻول چال واري روپ ڏانهن وڌيڪ هئو. انڪري هن جي ٻوليءَ جو ٽاجي پيٽو اڃ پاسا جي وڌيڪ ويجهو هئو جيتوڀيڪ ان ۾ ماڙواڙيءَ جو پڻ چگوئي استعمال ٿيل آهي. ميران بائيءَ پنهنجن گيتن جي رچنا پنهنجو شاعراڻو جوهر ڏيکارڻ لاءِ نہ ڪئي آهي ۽ نہ ئي هن کي پنهنجي قابليت ڏيکارڻ جي ضرورت هئي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هن وٽ سنسڪرت مان ورتل لفظن جو استعمال تمام ٿورو آهي. هن گهڻو ڪري روزمرهہ جي ڪم ايندڙ ٻوليءَ ئي ئي پاڻايو آهي. هن هم آواز آکرن جو ڪافي استعمال ڪيو آهي خاص طور ساوڻ رت ٻاهت چيل ڪوٽائن ۾.

ٿوري ۾ ائين چئجي نہ ميران بائيءَ جون ڪوٽائون وچين دؤر جي هندي شاعريءَ ۾ اهم جڳهہ والاريون ٿيون. ڪي جزوي ڪوي ميران بائيءَ جي ڪوٽائن جي سنگيت مئہ خوبيءَ کان گوهہ ڪڍي سگهيا آهن. هن جي شاعراڻي ذهن

کانسواءَ هن جي آزاد، نہ جھڪندڙ ۽ باغي طبيعت ۽ ايتريءَ مخالفت جي باوجود هـن جا درپ ڏرمي وشواس هن جي عڪس کي وڌيڪ روشن ڪن ٿا. گھٽا ٽٽا پگٽ ڪوي سماج جي هينئين طبقي مان هڻا جيتوڻيڪ اهي هروپرو گھٽ ذات نہ هڻا پر ميران ٻائي هڪ راجڪماري هئي ۽ هڪ اوچ کل جي نہن هئي. هـن جو سڪ سمپتيءَ، کل جي مريادا کي نياڳڻ ۽ پگٽيءَ جي مارگ ۾ ايندڙ خوف خطرن کي منهن ڏيڻ وڏي دليريءَ جو ڪم هئو. هن جي شاعريءَ هن جي شخصيت ۽ هن جي جيون شوڌا ۽ پگٽيءَ جو هڪ روشن مثال هئو ۽ پنهنجي گرڏر جي چرن ڪملن ۾ پوريءَ ريت پاڻ اَرپڻ ڪرڻ واري هن جي قدم هن کي لوڪن ۾ بيحد پيارو بڻائي ڪيس اَمرتا بخشي.

ترجمي بابت ٻه اکر

ترجمي جو ڪم، جو هميشه مسئلن سان ٻريل آهي، لهائين وڌيڪ ڏکيو ٿي ٿو پوي جڏهن ٻه واسطيدار ٻاشائون نه فقط مفاصلي جي لحاظ کان پري آهن ٻه وقت جي وڇوٽيءَ سبب انهن جي معائن ۽ اظهار ۾ ٻڌ کائي ڦير گهير ٿيندي پئي رهي آهي. وچين دؤر واري هنديءَ جو جديد ٻوليءَ ۾ ترجمو ٻڌ اڻڙي قسم جو مسئلو سامهون آڻي ٿو. ان ڏس ۾ بنيادي مسئلو گهرٻل لفظن ۽ انهن جي پوري اظهار جي غير موجودگي آهي. هڪ اُنوادڪ کي اڻڙي وات وٺي آهي جنهن ۾ باوجود ڪن حد بندين جي ٻئي ٻوليءَ ۾ اها معنيٰ ۽ مقصد برقرار رکڻو آهي. اُصلوڪي ٻوليءَ ۾ لکيل مواد جي سڄيءَ عبارت کي هڪ سطح تي ٻئي ٻوليءَ ۾ اُدا ڪرڻ نهايت ڏکيو آهي. ڪن ملندڙ جلندڙ ۽ ويجهين ٻولين ۾ هڪ ترجمان هم جنس ۽ هم نسل لفظن ٿي پاڙي سگهي ٿو ۽ هو هنديءَ ۽ اُنگريزيءَ جي نسبت ۾ اهو ممڪن نه آهي. ان ڪانسواءِ هڪ ٻيو سوال اهو پڌدا ٿئي ٿو ته معنيٰ جي ڪهڙي پهلوءَ کي برقرار رکيو وڃي ۽ ڪهڙو قربان ڪيو وڃي.

ميران ٻائيءَ جي پدن جو ترجمو ڪندي اهڙا ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته اظهار جو اڻڙو طريقو استعمال ڪيو وڃي جيڪو يا ته پهچي ليکي چٽو آهي يا جنهن جي وضاحت ڪئي ويئي آهي. مثال طور جنهن ڪوتا ۾ ساوڻ جو ذڪر آيل آهي اُن ۾ پپيهي جو بار بار ذڪر آندو ويو آهي. پپيهي کي برسات جو پکي سڏڻ سان ان خاص پکيءَ

جي سياڻ جي جاڻ پوي ٿي. پيتامبر جيتوڻيڪ ڪنهن پهلي اوچڻ کان ٻ وڌيڪ ڪجهه آهي نه ٻ پهلو اوچڻ کاڻي حد ٿائين اهو تصور ڏياري ٿو.

ڪيترن هندن ٿي ترجمي ۾ اَصلوڪو لفظ رکيو ويو آهي ۽ اهو چئو ڪيو ويو آهي. ڪرشن جا سڀ خاص نالا خواه صفتي نالا برقرار رکيا ويا آهن. صفتي نالن جي چونڊ ٻ گهڻو ڪري اَصلوڪي حوالي کي خيال ۾ رکي ڪئي ويئي آهي. ترجمي ۾ بار بار ڪرشن جو ٿي ذڪر آڻڻ سان اَرٿ جي مڏرتا کاڻي حد ٿائين ختم ٿي وڃي ها ۽ اَجايو دهراءُ لڳي ها.

ميران هائيءَ جون ڪوٿائون نائڪي چڪتاڻ کان آڇيون آهن. بنيادي طور سنگيت جي آذار تي رچيل هڻڻ ڪري اهي ڳائڻ لاءِ ٿي آهن، جن ۾ ڪو ٻ دهراءُ نه لڳندو. ترجمي ۾ پڻ دهراءُ کان بچڻ لاءِ سٽن وچ ۾ پوري وچوٽي رکي ويئي آهي ۽ ڪيترن هنڌ اَصلوڪي پد جي هڪ سٽ کي ٻن يا ٽن نندين سٽن ۾ ورهايو ويو آهي. جتي جتي ممڪن ٿي سگهيو آهي اُتي اَصلوڪي پڇن جي اَندروني ڇند ۽ مالوائن کي برقرار رکيو ويو آهي ۽ نه اُن جي موزون بحر يا وزن کي.

انهن ڪوٿائن جي ترجمي جو مُڙ مقصد اهو آهي نه سندن اَصلوڪي معنيٰ کي پوريءَ ريت قائم رکيو وڃي جيتوڻيڪ ڪوٿا جو رس قائم رکڻ لاءِ گهربل ڦيرگهير تمام ضروري هئي. بهرحال انهن جو ٿائر اَهڙو نه بيهي سگهيو آهي جهڙو رچنائمڪ پيشڪش ۾ ٿي سگهندو. ڪوٿائن ۾ آيل نالن ۽ انهن جي سانسڪرتڪ درشٽيءَ کان اَڀ واقف پالڪن جي جاڻ لاءِ مختصر وياکيائون ڏنيون ويون آهن.

مان الله آباد يونيورسٽيءَ جي پروفيسر يادو پتي سهاءِ جي

قيمتي راءِ ۽ سڃاڻن لاءِ هن جي بيحد شڪرگذار آهيان.
پروفيسر رچرڊ ايڇ. رابنسن جي، ترجمي بابت ڏنل صلاحن
۽ شري پيشمر ساهنيءَ جي مسودي کي نظر مان ڪڍڻ لاءِ
پڻ ٿورائتي آهيان.

پڇاڙيءَ ۾ مان پنهنجي پٽي Kim Nilsson جي پڻ هن
جي لڳاتار حوصلي اَفزائي ۽ صبر لاءِ مهرباني مڃڻ چاهيندس.

١

منهنجن نيٽن منجهه سمائي صورت کا سانوري
روح اندر جڙ رچي ويئي آ سندر کائي ڇڄي
ويئي واڻن ئي واجهايان چانڊ ئي ٻيئي
کيسين ساهه رکان هي سائيڊي توسان جان جڙي
ميران گرڌر هٽ وکاڙي ، لوڪ چوي بگڙي.

٢

مان نه گرڌر جي گهر وڃان -
گرڌر منهنجو پرينءَ هن جو پيارو روپ پسان
راڄ ٽڪي جڳن ، وڻس وڃان مان ، صبح جو ئي موڙان
راڻيان ڏينهان راسيون هن سان خوب رچايان مان
جڳن ڳڻن هن کي ريجهائڻ لئه کيڏي وس وجهان
جيڪي پهرائي سو پهريان ، جو نه ڏئي کاوان
پريت پراڻي جنهن سان ٽنهن بن گهاري پل نه سگهان
جتي وهاري ، وهان وهان اڻي ئي ، وکڻي ، وکجي وڃان
ميران جو پرپو گرڌر ناگر ، گهوران گهور وڃان.

۳

مون سانوري سڃان کي نيٽن ۾ آ سمايو
هردم وسي اکين ۾ جلوو آ جنهن پسايو
پل لئه به اک نه جهپکي آ خوف ان وڃايو.
آهي من ۾ سمائي موهن جي منڙي مورت
هر پل پسي سگهان ٿي پياري مان هن جي صورت
پريتم لئه پنهنجي چا چا سينگار مون ڪيو آ
ڪيڏيءَ نه چوچ مان مون آ سيج کي سڃايو
مون سانوري سڃان کي نيٽن ۾ آ سمايو .....
ميران جو آهي پريو هڪڙو ٿي گرڏر ناگر
ڏاپي نٿي خوشيءَ مان دل هن جي هاڻي ڪنهن ٻر.

۴

مونکي پنهنجي در جي داسي رک گرڌاري
چاکر رهندي باغ لڳايان، اُٺندي درشن پايان
برندابن جي ڪنج گليين ۾ ٽنهنجي مهما گايان
ڪندي چاکري درشن ٽنهنجو هردم ٽيندو رهندو
ٽنهنجو ٿي سمرن منهنجي لاءِ وڏو اُجورو ٽيندو
پاءِ پڳت جاگيري پايان سک ٽنهي مان ملندو.
مور مڪٽ پيتامبر مالها سان سونهين پيارو
ورندابن ۾ گايون چاري موهن مرليءَ وارو
نوان نوان نت باغ لڳايان جت ڪٽ رکان ڪياري
ڪيان سانوري جو درشن مان پائي گيڙو ساڻهي.
جوڳي آيو جوڳ ڪرڻ لئه، تپ ڪرڻ سنياسي
هوي پڃن لئه ساڌو آيو برندابن جو واسي.
ميران جو پريو گرڏر جنهن لئه جيءُ رهيم اڏيو
آڏيءَ راڌ جو درشن ڏيندم پريو جمنا ٽير.

۵

مونکي جاڳ نہ آ ڪئن پريوء ساڻ ملڻ ٽيندو
آيو ساجن منهنجي اڱڻ ۾ هو
پر آڻ اياڳي ستي رهيس
هاڻي ليڙون ليڙون لٽا ڪري ، ڪفني اوڍي
وڻراڳڻ جئن ڦولدي رهنديس
چوڙيون ڦوڙي ، سينڊ بکيڙي
ڪاجل ڌوئي ڌاهيندیس
ڏينهن رات ستائي ورهه مونکي
پل چئن نہ هن بن پائيندیس
میران جو پرين هري اوناسي
شل ملي نہ وڃڻي ڪو.....
مونکي جاڳ نہ آ ڪئن پريوء ساڻ ملڻ ٽيندو.

۶

آمان مان سپني ۾ - پرڀيس ديناناٿ سان
چاونجاهه لک ديوتائون شاديءَ ۾ شريڪ هئا
گهوت برجناٿ هئو -
سپني ۾ سواگت لئہ سينگاريل پٽڀال هئو
سپني ۾ ٽي سانوري منهنجو هٿ جهليو
وياهن رچائي ساڻس پائم پتيءَ جو درجو
میران کي گرڌر مليو - پورب جنم جي پاڃ سان.

۷

سکي ڏي ٽوکين ٽي ڇا لاءِ
وڃان ٿي شيام جي درشن لاءِ -
شيام وسي هردي اندر مهل آ مڌ ماتي
ماءُ چوي سڀ ڏيڍڙي ڇا لڳ ٿيءِ آتي
لوڪ ڪري لڌ سک جي ، ٽون ڇو ٿي جاڳين ؟
لڳن نہ جنهن کي شيام جي سو آهي مورک
جنهن جي هردي هري وسي سا ڪئن سمهندي سک.
چوماسي جي ڏنڊ جو ڏڙو نہ ڪنڌ وڃهان
هريءِ سندي جهوڙي منجهان پياس بجهايان مان
روپ سانورو شيام جو - مک پسان جنهنجو
ميران وياکل بوهٽي - ڪر تنهن کي پنهنجو.

۸

پائي گهنگهرو ميران نچي نچي .....
مان نہ پنهنجي پياري پريوءِ جي
پاڻيهي ٿي ويس داسي ڏي -
لوڪ چوي ميران آهي بانوري
نياڻ چوي ڪل ناسي ڏي -
راڻي موڪليو وش جو پيالو
موڪندي ميران پي ويڳي ڏي -
ميران جو پريو گردر ناگو
سهج ملیو اَبناسي ڏي.

٩

راڻي مارڻ واسطي موڪلي زهر ڏنڪ جاڻان ٽي .....
بچيس انهيءَ مان سون جلي جڳن ڪيدن روپ پسائي
لوڪ لڄا مريادا پاڻيءَ وانگر چڏيم وهائي
پردو وجهه تون پاڻ اڇي مان اڀلا ناري
پاڻ لڳو اهڙو ڪو گهاڙ ٽي ويس ساري
سنتن ڪان مان تن من واريان چرن ڪمل پڪڙي
ميران کي ٻوڙيءَ داسي پنهنجي رکيو آ مهر ڪري.

١٠

مان ڏ گوونڊ جا گڻ ڳايان .....
راجا رسي ڏ نگري تياڳيان ، هوي رسي گٽ وڃان
راڻي موڪليو زهر جو پيالو آمرت جيان پي وڃان
ڪارو ٽانڪ لڪل جهوليءَ ۾ سالگرام اندر پاتم
ميران ٻوڙيم ۾ پاڳل ٽي ويئي گردر گهوٽ ڪري جاتم.

١١

ٽالو پنهنجو شيام سان ٽوڙي ڪين سگهان
پٽ جهڙ جي پتي جيان پيلي ٽي ويس مان
جڳ سمجهيو سائي ٽيم ، ويچ گهراو پيءُ
پانهن جهلي جاڄي ڏسي روڳ نه جاڻي هيءُ
مورک ويچ پچاڻي سگهندو دل جي پيڙا ڪٿن
ميران وياڪل ورهه جي پريتم درشن ڏينم.

۱۲

واٽا مون سان کھڙي کاريڙ ويو وڏو ايڏو
مونکي ياسين تو ڇڙ ٿون کو ٻاپرو ڪندو
محل جھروکا تياڳيا مون سپ ٽنھنجو شھر چڏيو
ڪاجل ٽلڪ تياڳيم سارا چادر گيڙو اوڍيم
ميران جو ٻڌو گردر ناگر زھر ڪيائين آمرت۔

۱۳

ھري ٻل لڳ مون ڏانھن نہ نھار—
آڻ ڏسان پو ٿون نہ نھارين ڪيڏو آھين ڪنور
منھنجيون سيڄي آسون تو ٻر مونکان منھن نہ موڙ
مون لڳ ٿون ھڪڙوئي آھين، مون جيان لک ڪروڙ
آسوندي بيٺي آھيان عرض ڪندي ٽيم پور
ميران جو ٻڌو گردر ناگر، آڻ وڃان بلھار
ھري ٻل لڳ مون ڏانھن نہ نھار.....

۱۴

ميران بڌجي مگن ھريءَ جا ڳڙ ڳائي .....
ڏانگ ٻڌارو موڪلي راڻي ڏنو ھٿن ٻر ميران جي
وھنجي سھنجي ڏڻين نہ سالگرام ھٿو ان جي بدلي
وھ جو پياڙو موڪليو راڻي، آمرت ڏي ويڄي سا
وھنجي سھنجي ٻيڙ لڳي جڳن ڏي ويڄي آمر سدا
ڪندن سان ٻر سيج سجائي راڻي موڪلي ميران کي
سانجھي ٽيندي سمھڻ لڳي جڳن پاڻ نہ ليڻي ڏولن ڏي،
ميران جو ٻڌو سدا سھائي، سيڄي وگھن ھٽائيندو
پڄن پاڻ ٻر مست ڦري جا، گردر پار لڳائيندو۔

١٥

لنهنجي درشن کائر آهن منهنجا نيٺ اُجاڀل
وات لکيندي ڏينهن لنگهي ويو من گهاڀل جو گهاڀل
کوڙ گيت وڻهه جو ڳائي پيڙا ڇڏي وڃائي
مٽان وري دنيا مهڻن سان چوٽ نگين ڀهڄائي
ميران جي من جو مالڪ آ ٻوڙيو اُباسي
جنم جنم کان ميران آهي هن جي ئي داسي.

١٦

سکي ڙي کيڏو هري ڪنور
ڇڏي اچ لڳ اڃا نہ آيو ، وچن نہ هن پاڙيو
کاڏو پيتو سڌ بڌ وسري ڪٽن مون وقت گذاريو
وچن ڏيئي خود پاڻ وساريين ، تون نہ نہ آهين اَهڙو
ميران جو ٻوڙو گرڏر ناگر تو بن جيڻ کهڙو ؟

١٧

هل من موٽي جمنا تير
جمنا جو جل لوڻل جنهن سان سيتل ٿئي سريرِ
بنسي وڄائي ڳائي ڪنهيو ساڻ ڪري بلبير(١)
مور مڪٽ پيتامبر سونهين ڪنڊل لوڏي هير
ميران جو ٻوڙو گرڏر ناگر چرڻ ڪمل لي سير (سر).

---

(١) ڪرشڻ جو ڪيريتو پاڻ

۱۸

سکي ڏي ساجن گهر آيو
واهه ڪيڏي ورهيه ٽيا مس آيم پير پري
سکيون سجاير آڻي موتي رتن جڙي
ڇهتر نياپو پوين جو جهومي هرهک اَنگ
سون گهر ايندو ساڻورو ٽيندم ساجن سنگ
ساگر هوُ ته سنيهه جو، نيٺ پياسا هي
ميران ٽي ويڻي باوري آيو اَگٽ هري.

۱۹

وڃي ٽي مرلي جمنا نير
مرليءَ منهنجو چت چورايو ڏري نڏو من ڏير
ڪارو ڪرشن، ڪاري ڪملي، ڪارو جمنا نير
مرليءَ جي ڏن سرس وڃائي سارو ڏڪي سرير
ميران جو ڌڻ پرپو گردر ناگر من جي لاهي پيڙ.

۲۰

وسي من منهنجي نند ڪمار
وڻ جي ٽاري جهلي، نهاري مرڪي، ڪلڻ لڳي
مٽي لي مور مڪٽ ڇڪي، آ بينو پيتامبر پهري
ميران جو ڌڻي گردر ناگر، ويڙو من موهي.

٢١

جڏهن کان پياري نند ڪمار جي شڪل ڏٺي آهي
لوڪ پرلوڪ جي مونکي ڪائي سڌ نہ رهي آهي.
مور پنک سان سج ڏج وارو مڪٽ مٿي سينڀائي
تلڪ ڪيسري پيشانيء تي هن جي سونهن وڌائي.
ڪنڊل جهلڪيا، چڱون ڳلن تي ائن لهرايون
مڇليون سوور ٽياڳي جڙ ماڳر سان ملڻ لئہ آيون.
گرڏر منهنجي نٽور بطجي جڳ سارو آ موهيو
ٻاڳل ميران ٻوڀم پر هن جي ٻاڻ سچو ئي ڪوهيو.

٢٢

وسي ٽو نيٽن پر نند لعل
موهڻي مورت، سانوري صورت، مور مڪٽ وارو
مڇليء جهڙا ڪنڊل ڪنن پر تلڪ لڳي پيارو.
اَمرت ٻول چپن تي مرلي جهلي بيهي هرجائي
مالها قولن جي چائيء تي سوپيا ڪئي سوائي.
ميران جو ٻوپو گرڏر ناگر سنتن جو رکپال
ٻال گوال پڳتن جو سنگي سائي آ گوپال

٢٣

رچ نہ چڏي او جوگي او جوگي
پيرين ٽي پوانہ
لون منهنجو مان نهنجي - او جوگي
پيرين ٽي پوانہ.
ٻوڀم جو آهي مارگ نيارو راهہ ٻڌائيندو وچ
چنا چندن جي ناهيان، مونکي ٻاڻ ئي جلائيندو وچ.

سڑي ٽيان جي ديہ رک جو اَنگ لڳائيندو وچ
ميران چوي پرپو گردر ناگر جوت ۾ جوت ملائيندو وچ
او جوڳي .....

٢٤

جوڳيڙن سان پريت ڪندين دک پائيندين.
جوڳي ڪنهن جو پريتم ناهي سکي سچ چوان٭
پريت ڪندين٭ جي پڇتائيندين٭ پوء نہ ڏوهہ ڏجان٭.
ملڻ ٻڌا جوڳي٭ جي ڏيهان واليان دل ماندي
ڏني اَٽم هڪوار جا صورت ڏٺم نہ بي اَهڙي
پريتم ڪنهن ٻو ملي سکي ڏي اَٽم اِهائي آس
ميران جو پرپو ملي نہ ٽيندیس پوري من جي پياس.

٢٥

جوڳيڙن سان پريت سکيون ـ سڻ سوڙ ملايا
ريجهائي رمزن سان وچن وساري ويا.
چمپا جي گل جيان هو ٽوڙي پريت هليا
ورهہ ٻ ٽنهنجي ميران جا کهڙا هي حال ٽيا.

٢٦

او پريتم اَکين اَڳيان رهجان٭
اَکين اَڳيان رهجان٭ ـ وساري موڙ نہ ٽون ڇڏجان٭
او پريتم .....
ڀرو ساگر ٻ وچان ڏي وهندي ـ ٽون ڏي پار ڪجان٭
او پريتم .....
راڻي موڪليو زهر جو پيالو ـ اَمرت اڇي ڪجان٭
او پريتم .....
ميران جو پرپو گردر ناگر ـ ملي نہ ڏار ڏجان٭
او پريتم .....

٣٧

مون ڪي ڇو گرڏر ڏمريو آ ؟
مون ۾ ڪاڻ اڳر ڪا آهي ، ڇو نہ اڇي ٿو هو ورجائي ؟
جنم جنم جي داسي ميران - هو نہ ديا جو ساگر آهي .
ميران چئي پرپو گرڏر ناگر - ڏنهنجو نانءُ ڇڏن ڪي آهي .

(١)٣٨

هٿائج پگٽن ڏان ڏون پيڙ —
دروپديءَ جي لاج رکي ٿو ڏرت وڏائي چيرو(٢)
پگٽ لڳ پنهنجي ڏاري آڻين نرسنگهه سندو سريو
ٻڏندڙ هاڻي واڳهوءَ واڏان ڪڍي ڪيڏ باهر(٣)
داسي ميران عرض ڪريئي ٿي ڏون ڪي واهر .

---

(١) هن ڪوٽا ۾ پگوان وشنوءَ جي ان مشهور ڪٿا جو حوالو آهي جنهن ۾ هو پنهنجن پگٽن ڪي پيڙ ٻوڙ وقت سندن رکيا ڪري ٿو .

(٢) پانڊون جي ڀاڻي دروپديءَ کي دشاسن جڏهن ننگو ڪيو نہ پگوان ڪرشن هن جي ساڙهي وڌائيندو ويو .

(٣) هڪ پيري هڪ هاڻيءَ جو پير واگهوءَ جي وات ۾ اچي ويو - هاڻيءَ مدد لاءِ وشنوءَ کي آرادنا ڪئي - وشنوءَ واگهوءَ کي ماري هاڻيءَ جا بند اچي آجا ڪيا جيڪو سڏو سوڳ ۾ ويو .

٢٩

سکي مون ليٽين نند نہ آئي
وات نهاري پريتم جي مون رات گذاري آ
سپ سکيون سمجهائط آيون- مڃي نٿو من کا.
درشن بن دل چئن نہ پائي ہو مونکي کاوڑ ناهي
اَنگ اَنگ وياکل آهي ہو نانءُ چپن ٿي هن جو آهي.
کير نہ پيڙا سگهي پچائي ورهہ ہ دل کئن آهي ماندي
چاتک وانگر سڏيان ککر کي جل بن مڇلي جئن ٽڦي ٿي.
ميران وياکل بڃي ساري سرت وچائي
سکي مون ليٽين نند نہ آئي.

٣٠

بادل ڏسي ڏري ڏي ميران بادل ڏسي ڏري
کاري پيلي گهٽا نہ چائي، برسي هک ئي گهڙي
پير رکان جت پاڻي پاڻي، ڏرتي سڃي هري
جنهن جو پريتم ٽيو پرديسي باهر ڀڄي کڏي
ميران جو پرو هري اَبناسي جنهن جي پريت کري.

٣١

شيام ملط جي ٿات سکي ڏي دل کي ٿي گهائي
ورهہ کئي آ ماس، کٽي دل چئن نٽي پائي
راتيان ڏينهان راهہ نهاريان، پلک نہ جهپکي پل لئہ آهي.
ساري رات پکاريان پريتم ساري جگ جو سانگو لاهي
نانگ ورهہ جو دل ٿي ڏاڍا ڏنگ هڻي ويو آهي
لهر زهر جي رگ رگ ہ جٹ هلط لڳي آهي
ميران وياکل شيام ملي بس آس اِها آهي.
شيام ملط جي ٿات .....

٣٢

تو ہن نند نہ ٻيٹين آئي - او پريتم .....
پل پل اَنت کال جڳ پاسي
سنئي نہ مونکان وڃي جدائي
پريتم تو ہن مون لئہ جگ ۾
ڇڏي پاسي ڇڙ اونداهي
وڻن نٹا هي ديپ مهل جا
سيج گلن جي ڪنڊا ٿي آ.
ساري راٽ گذاريم جاڳي
ڪنهن سان سور سليان هي دل جا ؟
پيار هنيا جي ڏنگ هڻن ٿي
زهر لسن مان لهي چڙهي ٿو
ڏيڏر، مور ۽ چاتڪ روئي
ڪوئل ڳائي گيت ورهہ جو
گجندا پچندا بادل آيا
کيل ڪنوڙ جو وڃي ڏکائي
آهي ڪو پريوء جو پيارو
منهنجي دل جي پيڙا لاهي.
ميران جو ٻوٻو هوري اَبناسي
اَکڙيون درشن ڪارڻ پياسي.

٣٣

پيارا درشن اچي ڏجان
تو ہن جالي سگهان نہ مان
جل ہن ڪمل، چند ہن رجني

ٽوکي ڏئي بنا ائين سڄي
وياکل وياکل رهان راڪ ڏينهن
ورهه جلائي جان .....
هڪ نه ڏينهان ، نند نه راتيان
حال اندر جو اوريان ڪنهن سان ؟
چوڻ جو چاهيان چوڻ ڏکيو آ
دل جي آگ اجهاء.
چو ٽڙڦائين انتريامي
ڪر ڪوها مل مونسان سوامي
ميران داسي جنم جنم جي
چرڻن ۾ ڏي جاء —

٣٤

شيام مونکان منهن موڙي ري .....
ڪري ٻين سان رنگ رليون ۾
مونسان چپ نه نه چوري ري
شيام مونکان منهن موڙي ري

منهنجي پاڙي پير نه پائي
هن جي گهر جا چڪر لڳائي
منهنجي آگر کي نه پڪڙي
هن جي ٻانهن مروڙي ري
شيام مونکان منهن موڙي ري

ڇهي نه منهنجي آڇل کي
هن جو گهونگهٽ کولي ري
ميران جو پرپو پيا سانورو
نت کٽ بڻجي ڏولي ري -
شيام مونکان منهن موڙي ري.

۳۵

ساوڻ ماھ برھہ جي ٻاري
آج گھر منھنجي شيام مراري.
گرجن ٽيون گھنگھور گھٽائون
ڪڪر مڙي آيا چوڌاري.
ڏيڏر، مور، پپيھا ڳائن
ڪويل ڳائي ورھہ جي ماري
ميران جو پرين گوڏر ناگر
پوءِ نہ ٿوري، جان جي واري.

۳۶

پاءِ پلڪ ٿون آک نہ مٽي ڪڻ ديناناٿ.
ٻيني آھيان ڪڏھن کان آس جھلي
مت مائٽ سڀ ويري ٿي ويا نفرت ڪن مونکان
وچ ساگر ۾ ڦاٽي ٻيڙي، ٿون ئي پار ڪجان
چڱن نہ ڏينھان، نند نہ راڻيان ائين حياتي گذري
ٻاڻ ورھہ جو لڳو ھنڌين ۾ ياد نہ ٿنھنجي وسري
ٻڌو جي ٿو آھليا تاري - ھڻي جا ٻنواسي
ڪھڙو ٻوجھو ميران جو آ ھوءِ نہ آ داسي.

۳۷

اڄ گھر آيو گھنشيام —
ڻن جي ٽپٽ مٽي سڪ ٻاڻو - گيت خوشيءَ جو گڏجي ڳائو
بادل ڏسندي مور مست ٿيو - اڳڻ اچڻ لڳ آھي آڻو
ٽوسان ملي مگن ٿيس مان ٻي، سور سپيڙي ڪڪ ٻن ٽي ويا
چند ڏسي جڏن چمپا ڦولي، منھنجا نيڻ نہ ائين ٽڙي ٻيا

وڃ وڃ سيتل ٿيم سکي ڏي، هوي اڳڙ اڄ آيو آ
ڪارج راس ڪئين پڳتن جا، مونسان وچن نياڻيو آ
ميران وڇڙيل ملي هريءَ سان- شيام سندس گهر آيو آ.

٣٨

پريم ڪيو ديوائي منهنجو درد نه جاڻي ڪو
گهايل جي گت گهايل جاڻي- جاڻي ڪو نه ٻيو
هيري جي ڪٿ ڪري جوهري هوئي پوکيندو
سوريءَ ئي آ سيج اَسانجي سمهڻ ٿئي ڪئن ممڪن ؟
گگن منڊل تي سيج سڄڻ جي ملڻ ٿئي ڪئن ممڪن ؟
دردن ماري ٻن ٻن پٽڪان ويڇ نه ڪو به ملير
ميران جي ٻيڙا منجي جي گوڙڙ ويڇ ٿئير.

٣٩

مونکي لڳن لڳي گرو چرڻن جي
چرڻن بنا نه ٻي ڪا چاهت
جڳ نگري آ سپنن جي
پرڙ ساگر سپ سکي ويا
ناهي ٻرڻ ٻڌڻ جي ڪا چنتا
ميران جو پريو گوڙڙ، هن کي
آس رکي گرو چرڻن جي.

٤٠

شيام مولکي هٿ ڏيئي تار
پرڙ ساگر ۾ ٻڏندي پريو ٽوکي ڪيان پڪار
مون ۾ اوگڻ ڪيئي ٽون ئي آهين تارڻ هار
ميران جا پريو هوي اَبناسي ٽون ئي پار اُڪار.

۴۱

ٽي ويو شيام نہ چند ٻيڄ جو
مٽ بن وڃي ٽيو هوجائي —
وڃهي آسان تي ٻوڙ جو ڦندو
ميران جو ٻوڙو گرڏر ناگر
هاڻ نہ نينهن لڳي ٽو مندو.

۴۲

ٻوسي ڪڙي ساوڻ جي
ساوڻ جي من ٻاوڻ جي
ساوڻ ۾ مڇيو من منهنجو
سڀس سڀي هوري آوڻ جي
چٽني پاسي وڻون گهٽائون
ڪنوڻ نہ چت چوراوڻ جي
رم جهم ٻوسن نديڙيون ٻوندون
سيتل هير سهاوڻ جي
ميران جو ٻوڙو گرڏر ناگر
آنند منگل گاوڻ جي.

۴۴

رنگ ٻوري رنگ ٻوري رنگ سان ٻوري ري
هولي آئي پياري رنگ سان ٻوري ري -
ٽو اڏي گلال لال ڪر ٽي ويا
رنگ ٻوري ماري پچكاري ري

چندن ۽ گجرا چاڑهي متان
ڪيسر سان گهاگهو آٿر پوي
ميران جو گرڏر ناگر سدا
چرڻن جي داسي ٻڌجي رهي .

۴۴

آج سانورو سجان منو رام آگڻ آيو
ڀل ساهه وڃي پيار کان پاسو نہ ڪندیس مان
چرڻن ۾ سندس سيس ڏري عرض ڪندیس مان
سڀ لوڪ سمورا ٿي هوي آيو آ ڀيٽي
وينو آ هوي پاڻ هوي منجهه سميٽي
ٿي ٻيو ڪٿي جيتي ويو لوڪ ٽيٽي جو
ميران نہ چوڻ ان جا جهليا پرپو جو جگ جو .

۴۵

جاڳ ري ٻسيءَ وارا لال ، جاڳ او موهن پيارا
رات وڻي ۽ ٻاڪ ڏٽي آ گهو گهر ڪليا دوار
گوپيون ڏهي ولوڙن ٻڌجي چوڙين جي جهنڪار
لال اٿي ، آج ، ٻينا آهن پگهٽ نہ ٽهڪجي دواري
گوال ٻال سڀ شور مچائن جڳ جڳ شبد اچاري
مائي مکڙ هٽن ۾ ٽن جي - گاين جا رکوارا
ميران جا پرپو گرڏر ناگر نون ٿي تارڻ هارا
جاڳ او موهن پيارا —

۴۶

سکي ري لڄ ٽيم ويري
پٺهجي لال گوپال سان گڏجي چوڻ ويس
آيس وٺڻ ڪنور مان ڏسندي رهجي ويس
رٿ چاڙهي گوپال کي ويو وٺي اَگوڙ(۱)
باهه برهه جي هاڻي مونکي پل پل ٿي ساڙي
داسي ميران تو بن جيون ڪٺن سگهي گهاري ؟

۴۷

هوءِ بن ٽيندم ڪٺن آڌار
ٿون منهنجو رکوالو ڪوشن مان ٽهنجي داسي
نانءَ جيڀان ٽهنجو هردم مان درشن جي پياسي
ور ور چوان پڪاري منهنجو پرپو ٿون آهين
هي سنسار وڪار جو ساگو ٿون ئي پار لنگهائين
داسيءَ ميران جي ٻيڙي اَڄ ڦاڻي آ منجهدار
ٻڏي پريم جي پل او پرپو ٿون ئي پار اُڪار.

۴۸

پٽ مان ڪٺن لڳان ؟ مونکان لکيو نہ ٽٽي
قلم جهليندي هٿ ڏکن ٿا جيءُ ٽيم اَڌير
چوڻ جو چاهيان ، چيو وڃي نٿو نيڻين وهيم نير
سکي وڃي ٿون منهنجي ساري حالت ڪيس ٻڌاءِ
ميران پرپو گردر ناگر چرڻن هڏي جاءِ.

---

(۱) ڪرشن جو مامو جو هن کي برندابن مان متڙا وٺي ويو.

۴۹

پرينءَ ساڻ ملڻ ڪٿن ٿيندو ؟
پنج ڦهر ڪم ڪار ۾ ٿي نند ٻلي
مانڪ جنم اَمولڪ هر هر ڪين ملي
ميران جو پرينو گرڏر ناگر هردم هن کي ڏياءِ
هو ٿي ايندو وقت ٿي ٿهنجيءَ واهر لاءِ.

۵۰

پيڳا ٿون هاڻ نہ درشن ڏينم
پيري پيري ليلاءِ مون ۽ هاڻ نہ مهر ڪرينم
پيڳا ٿون هاڻ نہ درشن ڏينم
جيٽ جي مهڻي ۾ سپ پيچي وياڪل پاڻيءَ ۾
مور ۽ چاڪ ٿا آڪاڙ ۾ ڪڪرن کي سڏ ڪن
ساوڻ جون مينهوڳيون ۽ سوڻيون ٽيڄ ملهائن ٽيون
ٻدي ۾ اُٽلي نديون ٻڪاڪ ورهه جي پوڙ وڌائن ٽيون.
آءِ اسوُ آ سوائي جل سان سپ جي پياس بجهائين
ڪارڪٽن ۾ ديو ٻوڇڻ ۽ منهنجو ٿون ٿي آهين!
تڏ ناهريءَ ۾ زور پري جڻ ٿون رکپال ٻڌين
ٻوهه ۾ پارا پون مگر ٿون ڪيڏو مونکان دور رهين.
مانگهه مهيني بسنت رت ۾ سکيون گڏجي ڳائن
ڪُڪ ۾ هولي اچي نہ وڃ ٽڪ منهنجي سڪ وڌائن
چيٽ ۾ ڀڙڪي اُٺي لمنا ٿهنجي درشن جي
ءِ ويساک ۾ ڪويل ٿهنجي ياد ڏياري ٿي.
ڪانگ اُڏائيندي ڏينهن نبون ۽ پنڌ سڻي پيڳي پچايان
ميران وياڪل ٿي نہ ڏاران ۽ ٿهنجو درشن پايان.

چونڊ ڪتابن جي ياداشت

انگريزي

آل چن. ايف. آر (ترجمو) ڪويتاولي لنڊن: ائلن ائنڊ انون ۱۹۶۴.

آل چن. ايف. آر دي پيٽيشن ٽ رام. لنڊن: ائلن ائنڊ انون ۱۹۶۶.

آرچو- ڊبليو- جي. دي لوز آف ڪرشنا. نيويارڪ: گروو پريس ۱۹۶۴.

پٽاچاريه ديبن (ترجمو) لرڪ سانگس آف ودياپتي. لنڊن: جارج ائلن ائنڊ انون ۱۹۶۱.

بهاري بانڪي- پڪٽ ميرا- بامبي: پارتيه وديا پون ۱۹۶۱.

ڊماڪ ايڊورڊ- سي- جونيئر (ترجمو) اِن پريز آف ڪرشنا نيويارڪ: ڊبل ڊي انڪور ۱۹۶۶.

فرڪهر جان نڪل: مادرن رليجيس موومينٽس ان انڊيا. نيويارڪ: مڪملن ۱۹۱۵.

ائن آئوٽ لائين آف رليجيس لٽريچر آف انڊيا. لنڊن: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ۱۹۲۰.

گوئٽز هرمن. ميرا بائي هر لائيف ائنڊ ٽائيمس- بامبي: پارتيه وديا پون ۱۹۶۶.

هالڊو- جي- ڪي- تلسي داسا- بامبي: اوريئنٽ لانگمئن ۱۹۶۴.

ڪرشنا: مٿس، رائيٽس ائنڊ انٽيٽيوٽس- ايڊٽ. ملٽن بي سنگر هونولولو: ايسٽ ويسٽ سينٽر پريس ۱۹۶۶.

پانڈي، ايس. ايم اينڈ نارمن ايچ زدي (ترجمو) دي پوئمس آف ميرا بائي. ممبوگرافڈ يونيورسٹي آف چکاگو: ۱۹۶۴.
سين سکمار، هسٹري آف بنگالي لٹريچر، نيو دهلي: ساهتيه اکاديمي ۱۹۶۰.
ٹاڈ، جيمس. ائنلس اينڈ انٹيکس آف راجستان. ايڈت ڈبليو کروک لنڈن: آکسفورڈ يونيورسٹي پريس ۱۹۲۰.
واسواڈي ٹي. ڈبليو. سينٹ ميرا. پونا:

هندي

پٹي، ديسراج سنگھ. ميرا بائي اور انکي پداولي. نئي دهلي: اَشوک پرکاشن ۱۹۶۲.
چترويدي، برسائي لال. ميرا پداولي مٹرا: ساهتيه سنگم ۱۹۶۵.
چترويدي، پرشورام. ميرا بائي کي پداولي. پرياگ: هندي ساهتيه سميلن ۱۹۴۹.
داس، وراج رتن، ميرا ماڈري. وارانا سي: هندي ساهتيه کٹير، ۱۹۵۶.
لال، شري کرشنا، ميرا بائي الاهـ آباد: هندي ساهتيه سميلن، ۱۹۴۹.
ميرا سمرتي گرنٹ، ايڈت، ايس شوما. کلکتا: بنگيا هندي پريشد، ۱۹۴۹.
مسرا، پونيشورناٹ. ميرا کي پريم ساڈنا. دهلي: راجکمل پرکاشن، ۱۹۶۶.
پرياٹ. ميرا بائي. بامبي: هندي گرنٹ رتناکر، ۱۹۶۵.

شبنم، پدماولي. ميرا برهد پدا سنگره. بنارس: اوگ سيوك پوكاشن، ١٩٥٢.

سنها ساولري: مذيه كالين هندي كويتويان. دهلي: آتمارام اينڈ سنس، ١٩٥٣.

سريواستوا، مرليدر. ميرا درشن، الاهم آباد: ساهتيه پون، ١٩٥٦.

ڪتاب جي ليکڪا ڊاڪٽر شريمتي آشا
نلسن الاهه آباد ۾ تعليم حاصل ڪري هن
وقت وسڪانسن (آمريڪا) يونيورسٽيءَ جي
پارٽي شڪشا وپاڳ ۾ هنديءَ جي پروفيسر
آهي. هوءَ هنديءَ جي هڪ مشهور
ڪهاڻي ڪار ۽ ناول نويس آهي. هن جو
آپ نام آشا پريمودا آهي.

ڪور ڊزائنر : ستيجيت ري

پورٽريٽ : شيامل سين

قيمت : ۲-۵۰ رپيا

ڪيرلي مندر ٻڙودا جي ديوار تي
نندلعل بوس هٿان چٽيل ميران
ٻالڻيءَ جي چتر جي آڌار تي.

ساهتيه اڪاديمي پارٽ سرڪار طرفان ۱۹۵۴ ۾ ٻڌل ڪيل قومي اڪاديمي آهي. هيءَ هڪ خود مختيار سنسٿا آهي جنهنجي پاليسين جوڙڻ جو ذمو سندس جنرل ڪائونسل مٿان هوندو آهي جا اَلڳ اَلڳ پارٽيءَ ٻولين، پرانتن ۽ يونيورسٽين جي عيوضين کي ڳڏي ٺاهي ويندي آهي. ساهتيه اڪاديميءَ جو ڪهڙون پريزيڊنٽ پندرهن جواهرلعل نهرو هو ۽ موجوده پريزيڊنٽ اُماشنڪر جوشي آهي.

پارٽيءَ ٻولين ۽ سندن ساهتيه کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻڻ ۽ پارٽ جي جدا جدا ٻولين جي ساهتيه جو ترجمو ملڪ جي ٻين ٻولين ۾ ميسر ڪرڻ ساهتيه اڪاديمي جو خاص مقصد آهي.